نئين زندگي

ڪملا ٻٽائي

نئين زندگي

(ڪهاڻيون)

ڪملا ٻتاڻي

پنڪج پبليڪيشن
اجمير

ٻه اکر

سنڌي ادب جي ڪهاڻي جڳت ۾ ليکڪا ڪملا ڀٽياڻيءَ جو نالو نئون نه آهي. ڪافي پراڻو آهي. سالن کان سندس قلم گهرو ماحول ۽ سماجڪ سمسيائن ، سنائن ۽ برائين جي جدا جدا وشين کي اجاگر ڪرڻ ۾ مشغول آهي. "پرائي درد جو احساس" ۽ "هڪ ٻيو مسيحا" کان پوءِ هي ٽيون ڪهاڻي سنگره اهڙين تخليقن جو برعڪس آهي.

هن مجموعي ۾ ڏهه ڪهاڻيون قلم بند آهن. هر ڪهاڻيءَ جو وشئه جدا آهي. هر ڪهاڻي پنهنجيءَ جڳهه تي ٺيڪ آهي. ڪملا ڀٽياڻيءَ کي هر وشئه سان بخوبي نڀائڻ جو ڏانءُ آهي. سندس لکڻي سرل ، سادي ۽ دلچسپ آهي. ڪهاڻي پڙهڻ تي پوري ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هر ڪهاڻيءَ ۾ سنا وشئه ، چرتروان ڪردار ۽ اتسڪتا ڀريل آهي. ان ڪري هر ڪهاڻي معياري آهي. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جنهن ڪملا ڀٽياڻيءَ کي ڪهاڻي ڪيتر ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام عطا ڪيو آهي. جتان هوءَ اڃان به اڳتي وڌندي ۽ مٿي چڙهندي.

NAEE JINDAGI

(Short Stories)

By :

Smt. KAMLA BUTANI

Lecturer - Hindi

Govt. Girl's Model Senior Higher Secondary School,

AJMER

First Edition : 1994–95

Price Rs. 30/- only

Published by :

PANKAJ PUBLICATION

E - 19, U. I. T. Colony,

Naka Madar, Ajmer.

Printed by :

KAUSHAL PRINTING PRESS

3, Dayanand Market, Kaiser Ganj,

Ajmer - 305001

Phone : 32767

آخر ۾ اهو چوڻ به ضروري آهي ته ليکڪا ڪملا
ختياڻيءَ ۾ ڪافي قوت آهي. سندس لکڻيءَ ۾
شين سان نڀائڻ ۽ اظهار ۽ سادگيءَ جو اثر آهي.
سندس ڀاشا سرل آهي. جنهن ڪري هر پاٺڪ سولائيءَ
سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو. سندس لکڻي اڃا به
اثردار ٿيندي. سندس لکڻيءَ ۾ سُئيءَ جهڙي چڀن
پيدا ٿيندي جيڪا پاٺڪن جي دلين ۾ چڀندي ۽ کين
ٿڙڪائيندي. پاٺڪن جي دماغ کي سوچڻ لاءِ مجبور
ڪندي. تڏهن ليکڪا کين ڳالهائيندي، کهاڻيءَ
جا ڪردار ڪونه ڳالهائيندا. صرف ڪردارن جا احساس
ڳالهائيندا ۽ پاٺڪن جا ذهني احساس سوچيندا، پوءِ
شايد ڪيس ٻو ٻنهي هيراننداڻي، سندري اتمچنداڻي،
ڪلا پرڪاش، مايا راهي، تارا ميرچنداڻي، رتنا
ڪهاڻي، اندرا واسواڻي، گوپي موٽواڻي ۽ ٻين اوچ
ڪوٽيءَ جي ليکڪائن جي صف ۾ شمار ٿيو وڃي ۽ بس.

سيرو "سياهه" (اجمير)
U I.T Plot No. 257 Ajai Nagar, AJMER-305003

هن مجموعي جي هر ڪهاڻي نصيحت - آميز آهي، ”سونهري آس“، ”گهر جو چراغ“ ۽ ”نئين راهه“ جا موضوع گهرو رستن ۽ انهن ۾ پيدا ٿيندڙ نفاقن کي دور ڪرڻ جا سنا جتن آهن. ”انڌي ممتا“ هڪ ٻال ڪهاڻي آهي جنهن کي ٻال ساهتيه ۾ شمار جي ته ڪو اوچو مقام حاصل ڪري. هن ڪهاڻيءَ جي وشيه سان ليکڪا شروع کان آخر تائين جنهن نموني نڀايو آهي سو ساراهه جوڳو آهي. ڪهاڻي ”نئين زندگي“ جي آخر ۾ هيرو راجڪمار جيڪو دليرو قدم کڻي هيروئن مدوءَ کي پنهنجي فيصلي کان واقف ڪرائي سو ليکڪا جي ذهن جي فراخ - دليءَ جي سوجهه ٻوجهه آهي. ”ٽيجڙيءَ جو ورت“ ڪهاڻيءَ ۾ اڄ ڪالهه جي زالن جي وهنوارن ۽ عادتن جو صحي-صحي چٽر چٽيو ويو آهي. ڪهاڻي ”گنهگار“ ۾ ٻيه ساماجڪ زندگيءَ جو سچو چٽرڻ آهي، جو حقيقت پرست آهي. ”سچو جيون ساٿي“ ڪهاڻي جهڙي نموني ڀارتيه سنسڪرتي، رهڻي ڪهڻي ۽ ساديءَ کي ٻين ملڪن جي سنسڪارن کان وڌيڪ اوچو رکيو ويو آهي، سو هر ڀارتيه ناريءَ لاءِ نصيحت جو باعث آهي. ڪهاڻي ”پيار جو احساس“ ۽ ”سپنا سچ ٿي ويا“ ۾ اڄ جي گهرو ماحول نقش آهن.

سونهري آس

نيلوءَ جي اکين مان ننڊ لائين اُڏامي وئي هئي
ڇيئن ڪافور. گڏريل شادي ڪيل ڏهن سالن جي
زندگيءَ جا چتر رنگين نه رهي ڌنڌلا ٻاسي رهيا
هئا. گهر ۾ روز روز جي کٽ پٽ کان تنگ ٿي هوءَ
ج ئي ته جوش ۾ پيڪي هلي آئي هئي.

ڏهه سال سهي هن جي سهڻ جي شڪتيءَ
ڻ جواب ڏئي ڇڏيو هئو. پر جيئن جيئن گهڙيال
ون سيون اڳيان ٿي وڌيون تيئن تيئن هن جو جوش
ڪروڌ شانت ٿيندو ٿي ويو. هن کي عجب لڳو ته
ڇو اڄ هن اهو غلط قدم کڻي پاڻ کي پٽيءَ ۽ پيڪن
ي نظر ۾ هلڪو ڪرائي ڇڏيو؟

هن جي امڙ جيڪا هن جي هر وقت اچڻ تي گد گد
ئي ٿيندي هئي، هن دفعي ڪيڏي نه رکي نوع ۾
يش آئي آهي؟ ڀاڄائي ديپا جيڪا هن کي ڀانهن
يلي سمجهندي هئي، ايندي ئي هن جو دلي سواگت
سنمان ڪندي هئي، اڄ ڇو اُها نظر چورائي پاسو
ڪري ٿي نڪري؟ اڳئين دفعي پيڪي اچڻ تي ته

سلسلو

گهور ايمان ڪيو آهي. ان ڳالهه ۾ نياڻه نه ٿيندو ڏسي
نيلوءَ جو سڀ ايمان هيڪاري جاڳي اٿندو آهي ۽ پوءِ
هوءَ روئي ڏوئي اُن ايمان جو وش ڳوڙهن ذريعي
ڪڍي وري پاڻ کي شانت ڪندي آهي.

ڪالهه به هڪ ننڍيءَ ڳالهه تان ئي ٽنٽو ٿيو هئو.
گهر ۾ کير صبوح شام ورتو ويندو آهي پر ٻارن کان
به وڌيڪ کير جو ڪاپو هن جي سس تي ئي آهي.
صبوح جو به پيئندي ته رات جو به پيئندي. منجهند
جو به ڏهي يا لسي ضرور کپيس نه ته روئي ٿي نـه
وٺيس. ڪالهه سس کي گهورا ٿي پيا هئا تڏهن ئي
نيلوءَ چيو هئو، ”اَمڙ، اَڄ صبوح جو کير کٽي نه پيئو
جو گهورن لاءِ کير نقصانڪار آهي.“

بس ايترو نيلوءَ جو چوڻ مس هو ۽ سس اچي
مٿي ۽ گهر ۾ مهاڀارت مچي ويو. چي ”منهنجي ڪاڏي
پيٽي تي توکي مرچ ٿا لڳن. تون ته چئين نڪو
کان نڪو پيئان، بس هوا تي پئي هلان. کير نه پيئندس
ته آندا لڳي نه ويندا؟ اڙي گهٽ ۾ گهٽ کير پيٽ
مان گهمي ته نڪري تو نه؟ منهنجي پٽ جي ڪمائي
آهي تون ڪونه ڪمائي آڻي آهين جو ايڏو روب ٿي
رکين. جيڪر ايڏو ئي روب رکڻو اٿئي ته وڃي الڳ
جاءِ وٺي رهو ته خبر پوي ته گهٽي ويهين سؤ ٿيندو
آهي.“

هن جو تمام گهڻو ستڪار ڪيو ويو هو، پر هن ڏٺي
هي اچانڪ پاسو ڪيئن پلٽجي ويو؟

پر انهن سڀني سوالن جا جواب هن کي خود ئي هن جي من ڏئي ڇڏيا. هوءَ ته هوءِ، هوءَ خود به ته هنن سان نظرون چار ڪرڻ ۾ ڪيٻائي پئي؛ من ۾ هيڻ ڪمزور ڀاونا جو شڪار لڳي پئي هئي.

هوءَ وري پڇتائڻ لڳي ته ڇو هوءَ پنهنجو گهر ڇڏي بيگانن وانگر نڪري آئي؛ سڀني جي نظر ۾ ڪري پئي.

جوش ۾ هوءَ ڀڄي وئي ته گهر ۾ به باسڻ ت ٽڪرائيندا ئي. نيلوءَ جي سس ۽ نراڻ به آهي؛ انهن سان هن جا گرهه شروع کان ئي ٺهيا ئي ڪونه. روز روز ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تان کٽ پٽ ٿيندي هئي جنهن نيلوءَ جي دل گهر مان ئي کٽي ڪري ڇڏي.

نيلوءَ جو گهوٽ ديپڪ هونءَ ته ڏاڍو سمجهدار، سهنشيل ۽ ٿڌي سڀاءَ جو هئو پر ماءُ جي برخلاف ڪجهه چوڻ بدران هن جي منهن ۾ ڄڻ مڱ پئجي ويندا هئا.

نيلوءَ جو جڏهن سس سان تڪرار ٿيو آهي ديپڪ نيلوءَ کي ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ماءُ جي غلطيءَ کي سدائين ناڪاري نيلوءَ جو

۾ گاڏيءَ ۾ ويهي پيڪي هلي آئي. ديپڪ جيسين هن کي روڪي ۽ ٻاهر نڪري تيسين ٽوسيٽر ڪري نيلو هن جي نظرن کان اوجهل ٿي وئي.

پر پيڪي پهچندي ئي راس جو هن جو جوش هوش ۾ بدلجڻ لڳو. ڳوڙها ٽپ ٽپ وهي وهاڻو پسائڻ لڳا ۽ هوءَ اُن گهڙيءَ کي پٽڻ لڳي جڏهن گهڙيءَ جوش ۾ هن گهر ڇڏيو. هن جي ابهم ڌيءُ گڏي هن جي ڀر ۾ ئي گهري ننڊ ۾ سمهي پئي هئي. هن جو معصوم چهرو ڏسي هن کي هيڪاري وڌيڪ روئڻ اچڻ لڳو. پر پوءِ روئندي روئندي ڪڏهن هن جي اک لڳي وئي خبر ئي نه پيس.

صبوح ٿي وئي پر هن کي نه ڪنهن اٿاريو نه چانهه لاءِ پڇيو. خود رسوئيءَ ۾ وڃي هن پنهنجي لاءِ چانهه ناهي پيتي جيڪا هن کي بيسواد پئي لڳي. ماڻس صبوح کان ئي پوڄا ۾ مشغول هئي ۽ ڀاڄائي ديپا ڪم ۾ ايڏي رڌل هئي جڻ هن کي نيلوءَ جي حاضريءَ جو ڪو احساس ئي نه هئو. هڪ ٻئي مٿان ڪم ڪندي هوءَ پاڻ کي مشغول رکڻ جي ڪوشش ۾ نيلوءَ ڏانهن اک کڻي نهارڻ جي فرصت به نه پئي ڪڍي سگهي.

نيلوءَ اِها روش ڏسي اندر تائين جلي وئي. رڳو

نيلوءَ کي روز روز جاءِ تان طعنا ڏنا ويندا هئا. ڇو جو جاءِ سندس سهرو سس جي نالي ڪري ويو هئو ۽ جاءِ جو ڀاڙو هُن کي ڏيڻو هئو جو هر وقت جاءِ جي اوٽ ۾ هوءَ نيلوءَ جي ڏڪندڙ رڳ تي ئي پير رکي هن کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ڇو جو هن کي خبر هئي ته ٻي جاءِ مسواڙ تي وٺڻ لاءِ هنن کي ڪافي وڏي رقم هر مهيني ڪرائي تي خرچ ڪرڻي پوندي ۽ پوءِ گهر خرچ هلائڻ لاءِ بچندا ئي ڇا؟ دليپ ڪو وڏو آفيسر ته آهي ڪونه جو ايڏو خرچ برداشت ڪري سگهي. شايد دليپ جي ٿڌائيءَ جو سبب به اِهو ئي هجي، اِهو سمجهڻ جو نيلوءَ ۾ به عقل هئو پر روز روز جي طعنن کان ته الڳ جاءِ وٺڻ ئي بهتر آهي هوءَ سوچيندي هئي.

معمولي ڳالهه وڏي کڻي وڻ ڪيو. آفيس مان دليپ جي ايندي ئي وري مهڻ متو. پر دليپ ماءُ کي هڪ اکر به نه چيو. دليپ جي پڇڻ ئي هن لاءِ چانهه کڻي آئي پر نيلو ته ڪمري کان ٻاهر ئي ڪونه نڪتي. اندر ئي ڀڻ ڀڻ ڪندي پيتيءَ ۾ جلدي جلدي ڪپڙا وجهڻ لڳي ۽ پوءِ تيز قدمن سان پيتي کڻي پنهنجي نَوَن سالن جي ڌيءُ گڏيءَ ساڻ ڪري اِهو چئي ته ”هيڏي نرڳ جهڙي گهر ۾ رهڻ کان ته سٺو آهي ته مان پيڪي هلي وڃان.“ چوندي سڀ پنج جوش

منجهند جو روٽي کائي سڀ آرامي وڃي ٿيا پر
نيلوءَ کان آرام ڄڻ ڪوهه پري هو. هاڻي هن جي
ڪروت جو شڪار ديپڪ ٿيو. نيلوءَ کي عجب لڳو ته
هيلتائين ديپڪ هن کي وٺڻ ڇو نه آيو آهي؟ هن کي
ته پورو وشواس هئو ته هو هن جي پٺيان پٺيان ايندو
هوندو ۽ پوءِ هوءَ به سڀ ماڻهو ڀلجي هن جي پٺيان
هلي وڃي ها. هن جي لاءِ هڪ ڏينهن به هڪ يُگ
جي برابر هئو.

منجهند جو ٽي بجي ديپا سهڻي سنهري پرس ڪڇ
۾ ڪري اهو چوندي هلي وئي ته هوءَ مهلا ويلفيئر
سوسائٽيءَ جي ميٽنگ ۾ وڃي رهي آهي ۽ شام جو
موٽندي. گڏ ڪجهه ساهيڙيون به اينديون اُنهن لاءِ
ناشتو تيار ڪري رکندا. اُس جو ڪارو چشمو اکين
تي رکي هن سس ۽ نيلوءَ تي هڪ نظر اُڇلائي ۽ در
کان ٻاهر ٿي وئي.

نيلوءَ ڏٺو ته ماڻس نماڻن نيڻن سان، نُنهن کي
ويندي پئي ڏٺو ۽ هن جي حڪم کي انڪار ڪيو
۽ پوءِ نيلو ۽ ماڻس ڪجهه ناشتو ٺاهڻ رسوئيءَ ۾ لڳي
ويون.

ساڍي پنجين بجي شام جو ديپا ڇهن ستن ساهيڙين
سان گڏ اچي بينڪ ۾ ويهي کلڻ ڳالهائڻ لڳي. هن

سنڌس ڏانهن نِي نه پر سنڌس ماءُ ڏانهن به ڏاڍيا ج
وهنوار بدليل ۽ ناقابلي برداشت هئو. ماڻس جڻ نونهن
کان ڏجندي ٿي رسوئيءَ ۾ پير پاتو. ماڻس کي وڏي
ڪمري مان ڪڍي هن جو بسترو اسٽور روم ۾ لڳايو
ويو هئو ۽ ماڻس جي ڪمري کي ٻارن جي اسٽڊي
روم جي ٽيبل ۽ سمهڻ لاءِ پلنگ وجهي ٻارن جي حوالي
ڪري ماءُ جي چڱي طرح بيعزتي ڪيل ڏسي ته نيلوءَ جو
اندر پچري ويو.

نيلوءَ گهڻئي ڪوشش ڪئي ته لن ٻاري ۾ ماءُ
سان ڪو حال اوري ۽ چوري ته "مٺي جاءِ ته توهان
جي نالي آهي پوءِ هيءُ سڀ راڄا نهي وينا آهن ۽
توهان کي نوڪرياڻي ناهي وينا آهن. جڏهن سنڌس
سس جاءِ جي بانور تي پٽ نونهن کي مٿو ناهي
ويٺي آهي."

پر نيلوءَ جي ماءُ نيلوءَ کي اهڙو ڪو موقعو نه ي ن
ڏنو جو هوءَ هن گهر کي به ويڙهائي سگهي.

پوڄا مان آئي ماڻس وري به گهر جي ٻين ڪمن
۾ اهڙي جنبي وئي جو نيلو پاڻ کي نپٽ اڪيلي ۽
نڪمي سمجهڻ لڳي. پاڻ ڏانهن ٻڌهي جو بدليل
رخ ڏسي لن کان سواءِ هوءَ ڪجھ نه ڪري سگهي ته
ويهي من ۾ ويچارن جي ماندائي هلائي ڪنهن نتيجي
تي پهچي.

ساڙهيءَ ۾ ٻيون ٽي ڪري ته ماءُ چوڻ لڳي ”توکي
تميز ڪونهي، ماءُ توکي سيکاريو ڇا هـي؟ هيڏڙو ڪم
نٿي ڪري سگهين؟ مٺي هلو جلدي پنهنجي گهر هلو.
هلو ته مٺي.“

گڏيءَ جو ڳوڙهو ڳل ۽ اُن تي اُڪريل آڱرين جو
نشانو ڏسي نيلوءَ جي دل تي ڄڻ اهي نشان اُڪري
آيا. هن جي اکين مان به ٻيوسيءَ جا ڳوڙها وهڻ لڳا.
جوش ۾ اچي هوءَ ديپا کي ڪجهه جو ڪجهه ٻڪڻ لڳي
۽ پوءِ پيٽي کڻي اُنهيءَ ئي حالت ۾ واپس ٽرين تي
وڃڻ لاءِ تيار ٿي.

تڏهن ديپا هن جو رستو روڪي ٻراڙي پائي چوڻ
لڳي ”نيلو ناراضگيءَ ۾ تون ڀلجي وئي آهين ته رات
جي ٽرين هاڻي توکي نه ملندي.“

نيلوءَ چيو ”مان پليٽفارم تي رات گذاريندس پر
هتي نه رهندس. توهان مٺيءَ جي ڪهڙي حالت
ڪئي آهي؟ ايتري قدر جو اسٽور روم ۾ رهڻ لاءِ
مٺيءَ کي جاءِ ڏني اٿوَ؟ جڏهن ته هيءَ جاءِ مٺيءَ
جي نالي تي آهي. ٻيو سڀ ته ٺهيو اڄ توهان منهنجي
سڪيلڌي گڏيءَ کي به نه بخشيو آهي. اهڙي هنڌ
مان هڪ منٽ به ترسڻ پنهنجو اپمان ٿي سمجهان.“

تڏهن ديپا چيو ”جيڪر اِها ڳالهه آهي ته پوءِ

رسوئيءَ ۾ ليٽيو پائي ڏسڻ جي زحمت ڪانه ڪئي
آرڊر ڏنو "ممي ڇهه سٽ ڪوپ پيالا چانهه تـ
موڪليندا."

نيلوءَ جي ماءُ جلدي جلدي چانهه ٺــري ۾ تيا
ڪري آيو ساهه کنيو جيئن ڏاڍو ٿڪجي پئي هجي
پوءِ گڏيءَ کي نيزاري ڪندي چيو "پٽ گــڏي
هيءَ چانهه ته بينڪ ۾ ڏئي اچ."

نيلوءَ کي ماءُ جي روش بلڪل نه وڻي. ڇا گـڏي
نوڪرياڻي آهي جو چانهه کڻي وڃي؟ پر وري لهـ
سوچي ته ممي ٿڪل آهي هن پاڻ ئي ظاهر ڪيو.
گڏيءَ جو چانهه کڻي وڃڻ هئو مس ته بينڪ مان
زور زور سان چلائڻ جا آواز اچڻ لڳا جيئـــن ڊيپ
ڪنهن کي دڙڪا ڏيندي هجي. نيلوءَ پڙدو هٽائـــي
ڏٺو ته تن بدن ۾ آگ لڳي ويس. ڇا ڏسي ته گڏي
ڳل تي هٿ رکي روئي رهي هئي ۽ ڊيپا غصي ۾ لال
ٿي دڙڪا ڏيندي الائي ڇا جو ڇا بڪندي ٿي وئي
"ڇا ٿيو گڏي؟ تون ڇو پئي روئين؟" گـــڏيءَ کـي
ٻانهن کان ڇڪيندي اندر وٺي ويندي نيلوءَ چيو.
گڏي نيلوءَ کي چنبڙي وئي ۽ سڏڪا ڀريـــندي
چيائين "ممي چانهه کڻي اندر ويس ته ٺيڪ سان پيـ
ٺڪرائجي ويو ۽ چانهه جي ٺـري وڃي ماميءَ جـــي

نيلو پنهنجي ڪئي تي تمام شرمسار هئي. اُن وقت
ئي در تي نڪ نڪ ٿي. دليپڪ در تي بيٺي مسڪرايو
ٻئي ڏينهن نيلو دليپڪ سان عزت ۽ نئي سکيا تي عمل
ڪرڻ جي پختي ارادي سان پنهنجي ساهري واپس
موٽي. هن کي اڄوڪي اُس سونهري پاسي رهي هئي
جيڪا ساهري گهر ۾ هن جو سواگت ڪرڻ جو پيغام
ڏيئي رهي هئي.

ڏوهان پنهنجي سس کي نوڪرن جي ڪوارٽر ۾ وڃڻ
ڇڏي ڇا هن جو اپمان ڪونه ڪيو آهي؟ ڇا نراڻ ڪ
ڇانهه ڪيرائڻ ٿي ٿڦڙ نـه هڻئي آهي؟ جيڪر اهو
اپمان آهي ته هو ۽ ديپڪ ڪيئن سهندا."

نيلوءَ جو ڪنڌ ساهمون آيو هئو. هوءَ شرمسار هئي
ته هي ڳالهيون ڪنهن همن کي ٻڌايون. هوءَ سوالي
نگاهن سان ديپا ۽ ماءُ کي ڏسڻ لڳي. تڏهن ماٽس
چيو "پت جيڪر تون پنهنجي ماءُ جو اپمان نٿي
سهي سگهين ته پوءِ ديپڪ ڪيئن ماءُ ۽ پيءُ جو اپمان
سهندو. سس کي ماءُ ڪري مڃڻ سان ئي هوءَ توکي
ڌيءُ سمان پيار ڏيندي. 'منڍا گهر تـه گهران' ليک
ئي چيو اٿن. 'وهنوار اهڙو ڪجي جهڙو خود توهان پر
کان چاهيو ٿا."

ماٽس نيلوءَ کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو "پت هي
ته سڀ ناٽڪ آهي. اسان سڀني توکي سکيا ڏيڻ واسطي
ئي هي ناٽڪ ڪيو آهي. نڪا مان اسٽور روم ۾
رهندي آهيان نڪا منهنجي نونهن منهنجو ڪڏهن
اپمان ڪندي آهي. تڏهن ته اسان جو گهر سرڳ لڳو
پيو آهي جتي اشانتي هوندي اُتي نرڳ جو راڄ هوندو
جيون کي سکي ۽ سندر ٺاهڻو آهي ته پريم پريت سان
رهي جيون کي سندر ٺاهڻ جي ذميداري هر عورت
جي آهي."

هن پنهنجي جا سپنا ڄڻ روشن جي ڊاڪٽر بڻجڻ تي
ـي ساڪار ٿيندا هئا. جڏهن ڏينهن روشن ڊاڪٽر ٿيو
هن سوچيو ته اسان جي غربت جا ڏينهن ڪوچ
ڪري ويا پر ائين ٿيو ڪين.

ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ روشن جي شادي هڪ امير
خاندان جي ڊاڪٽر ڇوڪريءَ سان ڪرائي وئي. جيوتي
ڪيڏو نه خوش هئي هيڏي سٺي سنبنڌ مان. خوشيءَ
سان سڄو ڏينهن ڪم ڪار ۾ رڌل هوندي به نه ٿڪجندي
ـئي هئي. جڏهن مينا هر وقت ٻاهر نوڪريءَ ۽ گهر
۾ آرام جي اڌ ڪاري هئي. مينا ڪڏهن به ڪنهن
ڪم ۾ هن کي هٿ نه ونائيندي هئي. موڪل ڏينهن
ـه ٻئي زال مڙس سهي سنيري ڪنهن نه ڪنهن محفل
ڪي وڃي آباد ڪندا هئا.

مينا پنهنجي پهرين شاديءَ جي سالگره تي ڪج
ڊاڪٽر جوڙن کي پارٽ وٽ دعوت ڏني. هيترا ڏينهن
ته گهر جي حالت تي هن ڌيان ڪونه ڏنو هئو پر اڄ
دعوت ڏئي سمجهي نه سگهي ته مهمانن کي وهاريندي
ڪٿي؟ نه ته هن وٽ پلنگ جو سوفا هو نه ڊائننگ
ٽيبل، نه ماڊرن گهر نه گهر جي سجاوٽ. هوءَ جهنجهلائڻ
لڳي. اُن ڏينهن هن محسوس ڪيو ته هيڏي گهر ۾
هن لاءِ رهڻ هاڻي ناممڪن آهي. اُن ڏينهن ته ڪيئن

گهر جو چراغ

جيوتي پنهنجي خيالن ۾ غلطان آهي. چنتا سندس
پيشانيءَ جي گهنجن مان صاف جهلڪي رهي آهي
چنتا کان آجي ٿئي به ڪيئن؟ جڏهن کان ديپڪ
ٽائيفائڊ بگڙيو آهي هو بستري داخل آهي. جيوتي
کي ياد آهي ته ڏيڍ مهني کان ديپڪ بستري داخ
آهي. ديپڪ هڪ معمولي ڪلارڪ آهي. هن جي
پگهار مان زال ۽ ٻن ٻارن جي پيٽ پالنا به مشڪل س
ٿئي ٿي. مهانگائيءَ جو منهن ڦاڙيندو ٿو وڃي ۽ جيوتي
جو هٿ پئسي کان تنگ ٿيندو ٿو وڃي. بچيل پئس
به بيماريءَ ۾ سواها ٿي چڪو آهي. چوندا آهن اٿي
ڪائي اَن ۽ پيو ڪائي ڏن. ڏن خرچڻ تي به ديپ
جي بيماري وڃڻ جو نالو نٿي وٺي.

جيوتيءَ کي پراڻيون يادون ورائي ورتو. جڏهن ه
جو ڏير ڏهن سالن جو هئو هن جي سس گذاري وئي
روشن کي هن ماءُ جو پهريون پيار ڏنو. گڏي ۽ پ
ته هن گهر ۾ پوءِ آيا. روشن وڏو ٿيندو ويو ۽ ديپ
پيٽ کي پٽيون ٻڌي روشن کي ڊاڪٽري پڙهائي

سونهن ۾ ڪوٺ ڏسڻ ۾ نه اچي ان لاءِ مينا وچ ۾ پيع
ڪرائي سڄي ملامت کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ڇڏيو.

جيوتي مٿين خيالن ۾ ايڏي مصو هئي جو ڪيڏي
مهل سنڌيا ٿي وئي ۽ اونده اچي ڪمري تي قبضو
ڪيو هن کي خبر ئي نه پئي. جڏهن ديپڪ ٿورو
ڪنجهيو ته هن کي سمڪ پئي. ٻئي ٻاري هن ديپڪ
کي پلنگ تي وهاڻن جو سهارو ڏيئي ويهاريو ۽ پوءِ
سنڌيا ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳي.

پوڄا ۾ اڃان ويٺي هئس ته سندس اٺن سالن جي
ڳڏيءَ پٺيان پٺيءَ تي جهونجهندي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي
پڇيس "ممي، ڏياريءَ لاءِ ڪپڙا ۽ ڦٽاڪا وٺڻ ڪڏهن
هلنديءَ؟ ڏس نه چاچيءَ مانٽوءَ کي ڪيترا
ڦٽاڪا ۽ نوان ڪپڙا وٺي ڏنا آهن؟"

جيوتيءَ جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. ٻارن کي
ڪهڙي خبر ته ڏياري صرف پئسي وارن لاءِ آهي.
بنا پئسي ڪجهه به نه ملندو. پاڻيءَ وانگر ديپڪ جي
بيماريءَ تي خرچ ڪرڻ کان پوءِ به هو اڄ به بستري
داخل آهي. ڏياريءَ جي خوشيءَ جي اميد يا آساه
جيوتيءَ ۾ بلڪل ڪونهي. پر ٻار ته وري ٻار آهن
انهن کي ڪيئن سمجهائجي؟ سندس ڏير ڏيراڻيءَ جو
رخ ته هنن ڏانهن رکو ٿي ويو آهي. روشن صرف هڪ
ٻه دفعا اچي پاڻ کي ڏسي ويو آهي. جيوتيءَ به ٿـي

نه ڪيئن ڪم ٿپي ويو پر ٻئي ڏينهن کان هوءَ روشن
جا ڪن ڪائڻ لڳي. هن جا ٽن، من ٽپائي ڏنائين
ڇي "هن گهر ۾ هڪ منٽ به رهڻ مشڪل آهي نه
ٻي ٽڳه جي جاءِ نه صوفا. آخر اسان کي اوچي سوسائٽي
۾ اٿڻو ويهڻو آهي، ڪير اچي ته ويهارجي ڪٿي؟"

روز روز جي ڪل ڪل کان تنگ اچي روشن
پڇيس ته "آخر ڪرڻ ڇا گهرجي؟" تنهن مينا پنهنجي
اِڇا ظاهر ڪندي چيو "اسان الڳ ماڊرن بنگلو ناهي
رهنداسين ۽ اُن کي خوب سينگاريندا سين. اسان ٻئي
هيڏو ڪمايون ٿا. سماج ۾ اسان جي ريپوٽيشن آهي.
هيئن ڪم ڪيترا ڏينهن هلندو؟"

روز گهر جي شانتي بگڙندي ڏسي آخر ديپڪ
به هن ڪري الڳ رهڻ جي صلاح ڏيندي چيو "روشن
جيڪر مينا چاهي ٿي ته ڀلي الڳ بنگلو ٺهرائي.
مون ۾ ته ايڏي سمرٿي ڪونهي پر اسان ڪو دليسن
سان جدا ٿورئي ٿا ٿيون؟ پئسو ته ڪمائجي ٿي سگهه
ونڊڻ لاءِ ٿو پوءِ تون ڇو نه ٿو سک ڀوڳين؟"

جاءِ ته ٻيءَ جي هئي جنهن تي ٻنهين جو حق هئو.
اڌ جاءِ ڊهرائي مينا ماڊرن بنگلو ٺهرايو ۽ اڌ جاءِ
پراڻي روپ ۾ ئي رهي جنهن جي حالت ڏينهون
ڏينهن خراب ٿيندي پئي وئي. ماڊرن بنگلي جي

ڦٽاڪن جي ڇپيٽ ۾ اچي پاڻ کي نه بچائي سگهي ۽
بيهوش ٿي ڪري پيئي.

اچانڪ اهو حادثو ٿيو ئي پئي ته اندران روشن ۽
مينا موٽو موٽو ڪندا ڊڪندا پئي آيا. هنن جيوتيءَ
ڪي ماڻهوءَ کي بچائيندو ۽ خود زخمي ٿيندو ڏٺو هو.
وشن ڏٺو هو. روشن ڏٺو ته جيوتيءَ جي هڪ ٻانهن
ڪافي سڙي چڪي آهي ۽ سر تي به ڪافي سيڪ
يا اتس جو ڦٽاڪن پري تائين به هن جي پٺ نه
ڏي هئي.

روشن ۽ مينا نه ڪئي هر نه تر. نوڪر کي ٻنهي
هرن جي سنڀال جو ذمو ڏئي، ڪار ۾ جيوتيءَ کي
ٿي اسپتال ۾ روانا ٿي ويا. هڪ ته ڏياري ٻيو رات
و وقت. ڊاڪٽر ته ڏڻ ملهائڻ جي موڄ ۾ هئا پر
شن جا حوصلا خطا هئا. ڀڄ ڊوڙ ڪري ڊاڪٽرن
ي هٿ ڪيائين. جيوتيءَ کي آڪسيجن چاڙهي وئي،
ن تي مرهم لڳايو ويو پر هوءَ هوش ۾ ڪونه آئي.
شن ۽ مينا هن جي اهڙي حالت جو ذميدار پاڻ
ي پيا سمجهن. روشن ايشور کي ليلائي وينتيون پيو
ڪري ”هي پريو مون اڄ تائين توکان ڪجهه نه گهريو
هي پر اڄ منهنجي ديوي سروپ ڀاڄائيءَ کي جيون
ن ڏي جنهن مان پاڻ ڀاڄائيءَ جي سيوا ڪري جنهن

دفعا نيزاريون ڪندي چيس ته "تون ڊاڪٽر آهين پيا
کي ٺيڪ ڪري تو سگهين."

پر هو اهو چئي پاسيرو ٿي ويو ته "پنهنجن جي دوا نه لڳندي آهي، هاڻ چئو ته سڀنا ڊاڪٽر ٻڌايانءُ." اهو جواب ٻڌي جيوتيءَ کي چوڻ لاءِ ڪجهه نه رهيو آهي. سڀني ڊاڪٽرن جو مطلب آهي وڏي فيءَ ۽ مهانگيون دوائون.

اڄ ڏياري آهي، روشن جي اڌ ٻالڪ نگهه روشنيءَ سان جڳمگائي رهي آهي. مينا سلڪ جي تمام چمڪيلي ۽ مهانگي ساڙهي پاتي آهي. ڳچيءَ ۾ ڳهنا پائي خوشيءَ ۾ نچي ماپي. پاڻ ڏيئا وچي ٿي روشن ڪندي.
هوڏانهن ٻلبل نگهه جو اڌ پاسو اونداهيءَ ۾ غرق لڳو پيو آهي. ديپڪ جي ٻارن اڄين ڏياريءَ وارن ڪپڙن کي ئي من ماري پاتو آهي. جيوتيءَ جي من تي خوشي نه آهي نڪو هن نوان ڪپڙا ئي پاتا آهن.

هوڏانهن گڏي ڦٽاڪن جي موج ڏسڻ لاءِ ماءُ کي ساڙهيءَ جي پلوءَ کان گهليندي ٻاهر ٿي اچي جتي مونٽو چڙنگائي ٿيلي ٻاري رهيو آهي. ٻه رسان ڦٽاڪن جو پڙو رکيو آهي. چڙنگائي ٿيليءَ جون چڙنگون هن پڙي کي ٻاهه لڳائي ڇڪيون آهن. جيوتيءَ گڏيءَ کي ڏکو ڏيندي پري ڪيو ۽ پاڻ مونٽوءَ کي ٻچائيندي

هٿ رکي چيائين "ڏيڏي مونکي معاف ڪندا."

جيوتيءَ چيو، "ڇاجي معافي ڇري آهين ڇا؟ مان ته بلڪل ٺيڪ آهيان."

هاڻي سڀ ڪار ۾ گهر آيا. جتي ديپڪ ٻه چنتا ۾ ليٽيو پيو هئو. روشن ديپڪ کي ڏيـاريءَ جون واڌايون ڏيندي ٻاڪر ۾ ٻـري ٻاهر روشني ڏيکارڻ آيو جتي موٽڻوءَ کي خوش ڏسي سڀني جي دل جا ڏيئا روشن ٿي ويا. هوڏانهن سڀ وڏا هڪ ٻئي جي سد ڀاونا جي ڪري خوشيءَ ۾ نه پيا ماپن. هيڏانهن ٻار سڀ گڏجي ڦٽاڪا ٻاريندي تاڙيون وڄائيندي مٿو سر ۾ ڳائي رهيا هئا:—

ڏياريءَ جو ڏينهن ڏڻـو

نعـيو وڏو ڇيـڙ مٿو—2

—०—

فرض کي پالڻجي ويو هوس اُهو فرض پاڙيان . پاپـ
پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي منهنجي گهر جو چـ
روشن ڪيو آهي مان به پنهنجي ڀاءُ جي گهر جـ
روشني وسامڻ نه ڏيندس ." هو زور زور سان رو
لڳو .

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ جيوتيءَ کي هوش آيو تـ
هن جي وات مان اهي ئي شبد نڪتا "مونـ
پٽ مونٽو ."

روشن ڀاڄائيءَ کي آٿت ڏيندي چيو، "پاپـ
مونٽو بلڪل ٺيڪ آهي. ها توهان به دهشت جـ
ڪري بيهوش ٿي ويا هئا ۽ مونٽوءَ کي بچائيند
پاڻهن ساڙي ويٺا ."

جيوتيءَ چيو، "جهونڪي ڇڏ، ٻڌاءِ مونٽوءَ کي تـ
ڪجھ ڪونه ٿيو؟"

"نه پاپي مونٽوءَ کي ته توهان بلڪل بچائـ
ورتو ."

جيوتي – "سچ!"

روشن – "سچ! پاپي وشواس ڪيو ."

جيوتيءَ ڏٺو ته مينا جي اکين ۾ پڇتاءَ جا آنسـ
هئا . جيوتيءَ کي هوش ۾ ڏسي هوءَ هن سان چنبڙ
پئي ۽ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳي. پوءِ پيرن تـ

جهڙي رواجي ڇوڪري جيڪا ڏهون درجو پاس هجي
رنگ روپ ۾ خاص ڪونه هوس پر سندس پيءُ 50
هزار ڏاج ۾ ڏيڻ قبوليو بس ان لالچ ۾ نريش وڪامي
ويو. نريش بي.اي پاس هو ۽ ڪنهن انگريزي فرم ۾
ڻي عهدي تي هئو. هو ڏسڻ ۾ فلمي ائڪٽر ڪان
گهٽ نه هو پر نرملا جهڙي رواجي ڇوڪريءَ کي پائي
هن جا سڀ سپنا چور چور ٿي ويا هئا. هو نرملا کي
نهنجي اوچي سوسائٽيءَ ۾، پارٽين ۽ جلسن ۾ گڏ وٺي
وڃڻ جي لائق نه سمجهندو هو. هوُ چاهيندو هو سندس
ال هجي ها ڪا هيروئڻ جيڪا سوسائٽيءَ ۾ سهڻي
سنيري هن سان گهمي ڦري ها ۽ وري پنجاه هزار ۾
هن کي ڳهڻي، ڪپڙن ۽ گهريلو سامان جهڙي روپ ۾
مليا هئا. نريش جي هٿ ڪيش ڪجهه نه آيو هو. ان جو
ساڙ به هن جي من ۾ هو. نرملا جي سس ته تمام لالچڻ
هئي. هر وقت چاهيندي هئي ته پيڪن مان هوءَ وڏي
رقم آڻي ته هن گهر جو سڌارو ٿئي. جو نريش جي
پگهار ئي هڪ آمدنيءَ جو ذريعو هو، جيڪو اڄ جي
مهانگائيءَ ۾ گهٽ هو. شروع ۾ نريش وٽ اسڪوٽر
به نه هو تڏهن نريش ۽ ماڻس نرملا جي پٺيان هٿ
ڌوئي پيا ته هوءَ پاڻس کان ڏهه هزار وٺي اچي جو
نريش کي آفيس يا ڪنهن ٻئي هنڌ به وڃڻ ۾ ڏکيائي

نئين راھ

جڏهن هن جي اک کلي هن پاڻ کي اٿارڻ ج
تي ليٽيل ڏٺو. عجب مان هن آس پاس نهاريو.
جي پلنگ جي پرسان هڪ پيرسن ڏاڍي خوشيءَ پر
اکين سان هن ڏانهن نهاري مشڪرائي رهيو ه
نرملا عجب وچان پڇڻ چاهيو، "مان ڪٿي آهيان
پيرسن هن جي اکين جي سوال مان سمجهي جواب
"پٽ تون منهنجي گهر ۾ آهين." "توهان جي گهر ۾
.... توهان ڪير آهيو؟" "تون ياد ڪر، تون ڪ
هئينءَ؟"

نرملا نراڙ تي آڱريون ڦيرائي ڪجهه ياد ڪرڻ ج
ڪوشش ڪرڻ لڳي. اکيون ٻوٽڻ تي هن کي سنڌ
جي ريل جيان گذريل زندگيءَ جو سڀ ياد ا
ويو. نرملا صبوح جو 5 بجي کان رات ٻارهين ب
تائين گهاڻيءَ جي ڍڳي وانگر پنهنجي گهر پتي سس سهر
جي شيوا ۾ ڦهندي هئي. نرملا جي شادي چار
اڳ نريش سان سندس ماءُ پيءُ جي مرضيءَ سان ٿ
هئي. ڏيتي ليتيءَ جي لالچ ۾ نريش جي ماءُ ن

ڌيان پاڻ پڙهائيندو هو. پهرين ته هو نرملا تي صرف
ڪارڻ جا وسڪارا ئي ڪندو هو پر هاڻي ته ڪلمڪلا هن
ي تقرون، مکڻ جو وسڪارو ڪرڻ لڳو. وقتي وار
ڪڙي ڇڪي وٺي لوڏا ڏيندو هوس. اهو نظارو نرمش
جي ماءُ خوشيءَ سان وٺي ڏسندي هئي ۽ نرملا جو
ـهرو ته ڄڻ گهر ۾ هئو ئي ڪين، جوءِ جو غلام گهر ۾
غلام ٿيو پيو هلندو هو.

نرملا هڪ ڏينهن تنگ ٿي سس کي چيو، "مئي،
توهان هنن کي سمجهايو ته روز پيئڻ ڪائڻ ٺيڪ نه
آهي، هنن جي دوستي به ٺيڪ نه آهي سڀ پيڪڙ ٽا
لڳن جيڪر توهان ضابطو نه ڪيو ته اسان جو گهر ئي
برباد ٿي ويندو."

ان تي سس هٿ نچائي چيو "ڇئين ڇا ٿي؟
منهنجو پٽ لکن ۾ هڪ آهي مڙد ئي شوق نه ڪندا
ته ڇا سڀ جو قسم کڻي ويهي رهندا؟ شراب ۽ دوستي
ته اڄ ڪلهه فيشن آهي. جوانيءَ ۾ اهي شوق نه ڪندو
ته ڪڏهن پيرائيءَ ۾ ڪندو؟ ڏس نه وڏن ماڻهن جي
پٽن سان تڏهن کان دوستي ٿي اٿس. ڪارين وارن
سان پوءِ اهڙو سنگ سٺو ٿيو يا خراب! اهڙو سنگ ڇڏي
ڏئي ڇا؟"

پوءِ ان ڏينهن نرمش کي ماءُ اهڙو برغلايو جو

ٿي ٿئي. خبر ناهي ڪيائين ڪي نرملا به محسوس
ڪيو.

نرملا کي روز گهٽ وڌ ڳالهيون مڙس ۾ بس جو
ڪاڻيون پونديون هيون. اهو قصو ڏينهون ڏينهن وڌ
وڌندو. تڏهن دکي ٿي هن روئي پنهنجي پاڻ کان ڏ
هزار گهريا. پاڻس به پيڻ جي صدقي ڏئي ڇڏيا جيئن
پيڻس کي ساهرا تڪليف نه ڏينس. پر اهو قصو ه
سال دهرايو ويندو هو. هن سال گرمين ۾ فرج جي
ضرورت محسوس ڪئي وئي. هر ڏينهن نريش پنهنجي
دوستن جي محفل گهر ۾ لڳائيندو هو. پهريان ته چانهه
پارٽي ٿيندي هئي پر هاڻي ته پيگ هلندا هئا. نرم
کي ڇنڇر آرتوار هفتي ۾ ٻه ڏينهن ته انڊا ۽ پاري
تيار رکڻا پوندا هئا ۽ قيمو يا ڪڪڙن جا پڪوڙا تري
نريش جي دوستن جي آجيان ڪرڻي پوندي هئي. اه
صحبت اهڙي سنگ ۾ منجهي وئي جو نريش شراب
جو غلام ٿي ويو. هاڻي ته هن جي پگهار اڌ کان وڌيڪ
شراب ڪباب ۾ اڏرڻ لڳي. نريش هٿ تنگ محسوس
ڪرڻ لڳو.

گرمين ۾ ته شراب لاءِ برف ضروري آهي جيڪ
هو بزار مان گهرائي بزار ٿي پيو پوءِ فرج لاءِ نرم
کي پيڪن مان پئسا يا فرج جو گفٽ وٺڻ جو طوطي

جڏ باس هن کان موڪلائي پري هليا ويا. هڪ مهيني
پتر وانگر صبوح کان شام بس ڪم ئي ڪم. پنهنجي
لاءِ سوچڻ جي هن کي فرصت ئي ڪٿي هئي؟ ۽ هاڻي
وري ڪمري لاءِ ڏهن هزارن جي گهر ٿي هن تي
روز ظلم ٿيندا هئا. هاڻي صبوح کان رات ٽائين مار
ڪٽ ۽ نرملا جو روئڻ هلندو هئو پر هن دفعي هن
سوچي ڇڏيو هو ته هوءَ پاڻ کان هاڻي ڪجهه نه وٺندي
جو هن کي به 5 پيئر هئون. پنهنجي پيئرن ۾ هڪ پساهه
شابس اٿس جو سيڏي جا ننگه وٺڻو نياڻي. جڏهن ڪ
نريش کي هڪ به پيڻ ڪونه هئي نه ته شايد هڪ جا
ننگه به نه نياڻي سگهي ها.

سو اُن ڏينهن نرملا رات تمام دير سان سمهي،
دير سان سمهڻ ڪري صبوح جو اُٿڻ ۾ دير ٿي ويس
نرملا جي سس ته ڪڪه ڪڻي بيٺو ڪونه ڪندي هئي
بس نرملا تي حڪم هلائڻ ۽ هن جي ڪمن مان وڏون
ڪڍڻ جو ڪم ئي هئو هن جو. نيرن ٺاهڻ کان پوءِ
روٽي ٽيبل تي رکڻ ۾ ڏهن پندرهن منٽن جي دير
ٿي وڃڻ تي نريش اهڙو اچي ڪاوڙيو جو روٽيءَ جي
ٿالهي زور سان اُڇلي نرملا کي گاريون ڏيندو ڇوڙڻ لڳو
”بس هاڻي روٽي به وڃي هوٽل تي کائڻي پوندي.
اڻ پڙهيل خبر به اٿئي ته 9.40 تائين ۽ مونکي

نريش آپي کان ٻاهر ٿي ويو ۽ نرملا تــي ٽاپڙ ٽو
مڪون، ٿڦڙون، ڏڪ هڻي هــن کــي اڌ مئو ڪر
ڇڏيائين.

پر نرملا الائي ڪهڙي مٽيءَ جي ٺهيل هئي. راد
جو ڇا ٿيو سڀ وساري صبوح جــو وري ٻنهين جــ
شيوا ۾ لــڳي ويندي هئي. چانهه ڏيڻ کان پــوءِ نير
تيار ڪندي هئي. سڀني کي نيرن ڪرائــي برتڻ صاف
ڪري وري منجهند جي تياريءَ ۾ لڳي ويندي هئي
جو نــريش ساڍي نــوين ٻجي روٽي اڳــو پوءِ ڪائــي
ويندو هو.

روز روز جي مار کان بچڻ لاءِ نرملا جي پــاءُ فرج
ڏيڻ به قبوليو ۽ دهليءَ مان پارسل ڪرائي موڪلــي
ڇڏيائين. خير نرملا سامت جو ساهه کنيو ته هاڻي ڪٽش
وڻڻ جي نوبت نه ايندي. پر ڪجھ ڏينهن ۾ ئــي نرملا
جي سس هڪ ٻيو رينگٽ لڳائي ڏنو تــه گهر ۾ ٻـــ
ڪمرا گهٽ تا تنهن ٻيون ڪمرو ٺهرايو. پر اُن لاءِ پئسو
ڪٿي ۽ پئسو عيشن کي گهٽائي جمع نه ڪري نرملا کي
آڻڻو هــو. نرملا روز مارون کائڻ لــڳي. هــن پنهنجو
سو پمان، آتم سنمان، عزت ۽ جذبات کــي ڄڻ تاڪ تي
رکي ڇڏيو هو ۽ هاڻي جڻ هلندڙ چلندڙ لاش ٿهــي
پئي هلندي هئي. هن جــي من جا سپنا، تمنائــون ۽

ٿون روٽي تيار ڪري رکج."

هونئن به نرملا کي اُنهن ڀنهي جو ته ڪو سهارو نه هو. اڄ هن جو آتم سنمان هن کي ڌڪارڻ لڳو، "جيڪر ٿورو به سوڀمان اٿئي ته نريش کي وري شڪل نه ڏيکارج." نريش جا اکر هن جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا. نرملا جو من نريش ۽ هن گهر تان کڄي بيٺو. هيڏي غلامي ڪندي به ڪنهن کي خوش نه رکي سگهينءَ نرملا توکي هيڏي نرڏئي کان ته مرڻ بهتر آهي ۽ اهو نشچو گهڙيءَ جي سئين جي اڳيان وڌڻ سان گڏ و گڏ هيڪاري پڪو ٿيندو ٿي ويو.

پوڻا ڇهه هن گهڙي ڏني جهڙن ڪپڙن ۾ هئي چمپل پائي هن گهر کي تالو لڳايو. پاڙي واريءَ کي چاٻي ڏني هوءَ تکڙن قدمن سان تيز هلندي رهي هلندي رهي. هن غصي ڀريون لعل لعل اکيون جيڻ هن کي پنهنجي اڀرنديون ڏسڻ ۾ پئي آيون جن کان هوءَ پري ٿي وڃڻ جي ڪوشش ۾ هاٿي جڻ ڀوڙ پائڻ لڳي. هن کي هوش نه هو. هن جا قدم نديءَ طرف وڌڻ لڳا. ڪلاڪ ڏيڍ پڇڻ کان پوءِ هوءَ نديءَ جي ڪناري پهچي وئي. شام جو اونداڪار دنيا تي غالب ٿيندو ٿي آيو. اڪڙ ٻڪڙ ماڻهو هواخوريءَ لاءِ جيڪي آيا هئا سي به موٽيا ٿي. نرملا نويڪلو ڪنارو ڏسي ٿو ڪٽي نديءَ ۾ ٽپ ڏنو.

9.30 ڀڳڙو پوندو آهي. تون نوڪري ڪرڻ هان ٿ
عقل ۾ هڻڻي هئا ته وقت جو ڳهڙو ملهه آهي
منهنجي ڪرمن ۾ ته تو جهڙي جاهل ئي پوڻي هئي
مان تو جوان ڪٿي ڏڻ چو نٿي ٿين؟ هيءَ منحوس
شڪل وري شام جو مان نه ڏسان ڪٿي اوڙاه ۾ وڃ
پڻاج." ائين چوندو آفيس جو فائيل کڻي نريش هل
ويو هو.

نرملا ڏٺو ته نريش اڄ بنا ماني ڏني آفيس هليو و
آهي. هاڻي لڳا ڪسر شام جو اچي فرست ۾ ڏيند
چو جو جڏهن به ائين ٿيو آهي تڏهن نريش هـ
ڪنيو آهي نه ته شام جو مارڪٽ مچائي آهي. لڳـ
سوچي نرملا پٽ جو سهارو وٺي پٽ تي ٻيٺي رهـي
هن جي بدن ۾ جڻ جان ئي نه هئي. ڳوڙها ڪش
تي وڃا هئا. سس سهرو روئي ڪائي وڃي آرامي تي
پر نرملا نه روئي ڪاڏي نه ڪنهن پڇيس. وقت پـ
ڪنهن جي لاءِ ترسيو آهي؟ گهڙيءَ جون سيون وڌيو ر
ڪنديون ۽ جيئن جيئن شام جو وقت پرسان ايند
تي ويو تيئن تيئن نرملا جون واڻون بتال ٿينديون تي
ويون تان جو اچي شام جا پنج لڳا. نريش ڇهين بجي
ايندو هو. نرملا جو سس سهرو تهار تي لڳو جئي هلي
وڃا ته "اسين تلساڻيءَ جي گهر ڪلاڪ ۾ تي ٽا اچون

پڌائي پنهنجو من هلڪو محسوس ڪرڻ لڳي.

پيرسن سمجهائيندي چيس "پٽ مرڻ ڪنهن سمسيا جو سماڌان نه آهي مڙس تي انهن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ئي انسان جو فرض آهي. اڄ اسي فيصدي زالون نوڪري جو جيون گذاري رهيون آهن پر هينئر وقت آهي انهن جي جاڳڻ جو. استري ۽ پرش گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن جيڪي برابر آهن پوءِ استريون ئي انياءُ ڇو سهن؟ انياءُ سهڻ وارو انياءُ ڪرڻ واري کان وڌيڪ ڏوهي آهي. ان جو هڪ ئي اپاءُ آهي ته ناريون پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجي آتم سنمان کي برقرار رکن ۽ نرلش جهڙن مردن کي سبق سيکارين ۽ انهن جي غلام رهڻ کان سواولمبي (آتم نرڀر) جيون گذارڻ جو پرڻ ڪن ۽ جيڪر اهڙا مڙد وري به نه سڌرن ته انهن کان الڳ رهي زندگيءَ کي سرڳ بڻائي فخر سان جيئڻ سکن."

نرملا "بابا، جڏهن توهان مونکي پٽ چيو آهي ته ان حساب سان توهان به منهنجا پتا ٿيا. مان توهان جي ڳالهين سان سهمت آهيان."

پيرسن، "ته پوءِ پٽ ڇا تو واپس نرلش وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي؟"

نرملا "نه، نه بابا هرگز نه. مان وري هن نرڪ ۾ وڃڻ جي ته ڪلپنا به نٿي ڪري سگهان."

اتفاق سان ٽپ ڏيڻ تي ڇپاڪ جو آواز ٿ
موندڙ ۽ پيرسن ٻڌو ۽ پنهنجي ڌنڌلي اکين سان هن ڏٺ
ڪير ٻڏو ضرور آهي. هن واڪا ڪيا بچايو بچايو
ايشور جي مهر جو واچمين اتي پرسان ئي ويٺو هو
تنهن اچي جلد نرملا کي پاڻيءَ مان ڪڍيو پر نرملا
جي مٿي تي پٿر جي ڇهڻ گهري گهٽي وئي هئي
جنهن ڪري رت وهڻ لڳس ۽ هوءَ بيهوش ٿي وئي
واچمين نرملا کي پيرسن سان گڏ سمجهي هن کي پيرسن
جي گهر پهچائڻ جي ذهمت ڪئي. ڊاڪٽر کي
گهرائي پيرسن نرملا جي جانچ ڪرائي پٽي
ڪرائي.

ڊاڪٽر چيو، "ڊپ جي ڪا ڳالهه نه آهي."
نرملا گهري گهاو جي ڪري 24 ڪلاڪ بيهوش رهي
۽ هيئنر هن جون اکيون کليون هيون. اڳين آپدائن کي
ياد ڪري نرملا جي اکين مان زار زار ڳوڙها وهڻ لڳا.
هوءَ هٿن ۾ منهن لڪائي زور سان روئڻ لڳي.
تڏهن پيرسن هن کي تسلا ڏيندي چيو، "پٽ تون
آتم گهات لاءِ ڇو تيار ٿئين؟ ڇا تنهنجي ڪا مجبوري
هئي؟" نرملا چپ. "تون مونکي پنهنجو پيءُ سمجهي
ٻڌاءِ." ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن نرملا سامت ۾
آئي ته پيرسن کي پنهنجي گذريل زندگيءَ جي ڪهاڻي

ڏيهه وڇڙيل ماڻهءَ کي گهڻي وقت کان پوءِ گڏي هجي.
نرملا "بابا، او منهنجا بابل."
پرسن "پٽڙا منهنجا نرمل پٽڙا" ۽ پرسن نرملا جي
وارن تي سنيهه پيو هٿ ڦيرڻ لڳو.
اڄ کان هنن جي نئين راهه شروع ٿي هئي.

—o—

ٻيرسن ”پلا پٽ تون گهڻو پڙهيل آهين؟“

نرملا ”بابا مان صرف ڏهون پاس آهيان.“

ٻيرسن ”پٽ تون فڪر نہ ڪر. ضروري نہ آ
تہ سڀ استريون آفيسن ۾ وڃي نوڪري ڪن تون گهر
اُديوگہ ڌنڌو شروع ڪري پنهنجو جيون پالڻ ڪري تہ
سگهين ۽ پنهنجي پيرن تي اُٿي ٿي سگهين.“

نرملا ”ها، بابا مان پاپڙ، ڪيچا، ڪچريون ڇپ
ڪري ڄاڻان مونکي نماڻو سا س، جنهن ۽ طرح طر
جا مربا ۽ آچار ناهڻ بہ ايندا آهن.“

ٻيرسن ”ها پٽ تون گهر ۾ گهريلو ننڍي ڇڪ
رکي اُن ۾ مرچ مسالا پيهين پئڪ ڪري ڏيندينءَ تہ
مان دڪانن تي سپلاءِ ڪري ايندس. مان پنهنجي
قوس آهر نوڪي مالي ۽ جنسي مدد ڪندس تون د
ننڊي نہ ڪر منهنجا پٽ.“

نرملا جو سو پهاڻ اڄ جاڳي اُٿيو. اڄ هن جي نئين
زندگيءَ جي شروعات ٿئي ۽ هن جو گرو هو هن جو
اڻ سڃاتل پتا.

نرملا جي اکين ۾ پريم جا ڳوڙها تري آيا. سنيه
وس هوءَ ٻيرسن سان لئين چنبڙي گڏي جيئن ڪ

رستي ۾ ايندي وقت هن گيتا کي چيو، ”ڇو گيتا اڄ راجو اسڪول ڪونه ويو آهي ڇا؟“

گيتا سهڄ سڀاءُ چيو، ”ها، ها، هو ته اسڪول ويو آهي.“

نيتا چيو، ”پر مون ته بزار ۾ هن کي پاڙي جي سائيڪل تي گهمندو پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي.“

گيتا کلي چيو، ”نه نه تون ڀلي هوندين. راجو ته اسڪول ويو آهي.“ خير گيتا گهر هلي آئي.

شام جو نيتا گيتا جي گهر آئي ته راجو گهر ۾ ئي هو. نيتا گيتا کان پڇيو ”ته تو راجوءَ کان پڇيو ته هو اسڪول ويو هئو يا نه؟“

گيتا تڏهن راجوءَ کي سڏ ڪندي پڇيو، ”راجو تون اڄ اسڪول ويو هئين يا نه؟“

راجو ان سوال جو جواب ڏئي ته ٻيو سوال ٿيو، ”نيتا آنٽي چوي ٿي ته تو بزار ۾ سائيڪل پئي هلائي؟“

راجوءَ جو منهن ڦڪو ٿي ويو همت ڪري چيائين، ”مئي مان ته اسڪول ويو هوس.“

ان تي گيتا کلي ڪري چيو، ”مون چيو ڪونه منهنجو راجو اهڙو ڪونهي جو اسڪول گسائي. ضرور توکي غلط فهمي ٿي ٿيئي، نيتا جون ته ٻه ٻه وڳون،

اڌي ممتا

گهر جو ڪم ڪار لاهي گيتا تيار ٿــي ويئي
هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو گيتا ۽ نيتا گڏجي خريدار
ڪرڻ نڪرنديون آهن. گهر جو راشن پاڻي، ڀاڄي ڀت
ڪٺي وٺي خريد ڪري ڪلاڪ ٻن ۾ واپس اچــي گه
سگهي ٿينديون آهن.

ٻئي پاڙيسري آهن پر پرلم سڳين ڀينرن کان ٻـ
گهاٽو. ٻنهي جا گهر وارا گوپال ۽ گڻيش به هڪ ٻئي
جا جگري دوست آهن. روز هڪ ڦيرو هڪ ٻئـي وٽ
نه ڪن ته ماني ئي هضم نه ٿئين.

ٻئي ڏينهن نيتا جي گهر مهمان اچي وڃڻ ڪري
هن کي وري بزار وڃي ڏهي، ڀاڄيون، ڦــل وٺـ
اچڻ پيا.

هن پري کان ڏٺو ته گيتا جو پٽ راجو پاڙي جي
سائيڪل تي گهمي رهيو آهي. هن کي عجب لڳو ج
اسڪول کليل هئا، اڄ موڪل به ڪونه هئي پوءِ راج
ڪيئن پيو مٽر گشتي ڪري؟

مان ڪپڙا مٽائي اچو ته آئس." گيتا ڪم ۾ مشغول هئي. گڻيش چيس، "ڪهو خبر پاپــي ڪهڙو حال آهي؟"

گيتا جواب ڏنو، "ٺيڪ آهي."

هيڏانهن هوڏانهن نهاري گڻيش چيو، "پاپــي! راجو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟ هونئن ته شام جو اسڪول جا ڪم پيو ڪندو آهي؟"

گيتا چيو، "هو ته دوست وٽ پڙهڻ ويو آهي اتي ئي اسڪول جا ڪم به ڪري ايندو. مونکي ڪم مان فرصت ڪونهي ۽ پڻس به ٿڪي ٿو اچي. پاڻ سنو جهنجهٽ اتي ئي ختم ڪري ايندو."

گڻيش دل ۾ چيو ته چوانس ٿو ته برابر اسڪول جا ڪم وٺو ڪري توهان جو پٽ پـر وري اهـو سوچي ته گيتا وشواس نـه ڪري ڪجهه جـو ڪجهه چئي نه ڏئي ۽ منهنجي من ۾ به ڌڪ ٿــي پوي ان ڪري چپ رهيو ۽ گوپال سان گڏ نڪري ويو.

اڃان هفتو کن ئي ڪونه گذريو ته ٻـڌڻ ۾ آئن ته راجو گهر مان ڀڄي ويو آهي.

نيتا ۽ گڻيش به ٻڌو پـر ٻڌي اڻٻڌي ڪري ڇڏي. نيتا ته همدرديءَ لاءِ به گيتا وٽ وڃڻ لاءِ تيار نه هئي پر گڻيش هن کي پاڙيسريءَ جو فرض

ڇهه ٻه ويون. راجو کهڙيءَ نه صفائيءَ سان
ڳالهائي رهيو هو ۽ ماڻس هن تي وشواس
رهي هئي. شايد هن کي نيتا کان وڌيڪ وش
راجوءَ تي هو.

خير نيتا جو من خراب ٿي پيو. هوءَ اُٿي
ٿي ۽ گهر هلي آئي.

گهر اچي هن گڻيش کي ٻڌايو ته ڪيئن را
اسڪول ڪونه ويو ۽ ماڻس هن جي ڳالهه تي وشو
نه ڪيو.

گڻيش کي ٻڌي غصو اچي ويو. چيائين،
تو ڇوان تون ٻين جي ڳالهين ۾ دست اندازي
ٿي ڪرين؟ نه ويو ته نه ويو ممتا ته انڌي
آهي. ڪنهن ٻه ماءُ کي پنهنجي ٻار ۾ ڪو
نظر نه ايندو آهي.

ٻئي ڇوٿين ڏينهن گڻيش آفيس مان موٽند
راجوءَ کي سئنيما جي ڪڙڪيءَ تي ٽڪيٽ ج
لائين ۾ بيٺي ڏٺو. هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڇا؟
جو شڪ مضبوط ٿي ويو. گهر اچي ڇانهه پ
سير ڪرڻ نڪتو ته گوپال کي به سڏ ڪيائين.
شام ٽهلڻ تندرستيءَ لاءِ مناسب آهي ۽ گهڻو
ٻئي گڏ نڪرندا هئا. گوپال چيس، " ٻي

ٻئي هڪ ٻئي تي ڏوهه مڙهڻ لڳا. گڻيش ٻنهي
کي شانت ڪندي چيو، "هاڻي توهان شانت ٿيو ته
هن کي ڪو ڳولهڻ جو ٻلو ڪجي."

گوپال ته هٿ مٿن کي ڏئي ويهي رهيو. چيائين
"مونکي ته ڪجهه سمجهه ۾ ئي نٿو اچي."

گڻيش چيس، "هاڻي مڙسي ڪيو. هلو ته ٻهران
راجوءَ جي دوستن وٽ ٿا هلون جن وٽ هو اڪثر
ويندو هئو."

ٻئي اسڪول تي چڙهي ڪافي دوستن وٽ ويا
پر سڀني چيو ته راجو ٻن ڏينهن کان اسان وٽ ڪونه
آيو آهي ۽ اسڪول جي انهن ساٿين ٻڌايو ته راجو ته
عرصي کان اسڪول ۾ ڪونه ويندو هئو. اهو ٻڌي هو
اسڪول پهتا. خبر پين ته راجوءَ جو نالو اسڪول مان
ڪٽجي چڪو آهي ۽ مهيني کن کان هو اسڪول ڪونه
آيو آهي. نڪو ئي پنهنجي في ڀري اٿائين."

اهو ٻڌي ته گوپال جڻ آسمان تان ڪريو. هن کي
پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. هو هر مهيني في به
راجو کي ڏئي ڀرائيندا هئا. رسيد وٺي رکڻ اهڙو به
هنن وٽ وقت نه هئو. اسڪول جو هوم ورڪ ۽ ڪلاس
ورڪ به ڪري ٿو يا نه. ان جي چڪاس به ماءُ پيءُ
کي ڪرڻ جڳائي پر ٻنهي زال مڙس انهيءَ جي

نياڻڻ لاءِ ئي هلڻ جي لاءِ تيار ڪيو.
جڏهن ٻئي گوپال جي گهر پهتا تہ ممڻ متو
هو. ڪافي ماڻهو همدرديءَ لاءِ ڪٺا ٿيا هئا ۽
روئي روئي اڌ مئي ٿي وئي هئي.

نيتا کي ڏسي تہ هن کي چنبڙي پئي ۽ هيڪا
اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي، "نيتا
جنهن ڏينهن تو ڇيو هو اُنهيءَ ڏينهن ئي مان اک
پٽيان ها تہ هيءُ ڏينهن نہ ڏسڻو پوي ها."
گوپال - "تہ ڇا نيتا کي خبر هئي؟"

گڻيش نيتا واري ڳالهہ گوپال کي ٻڌائي تہ ه
ڪروڌ ۾ ڀرجي ويو. چوڻ لڳو، "هن تہ مون سان
ڳالهہ ئي ڪونہ ڪئي. اندي ممتا ۾ وڙهجي پٽ
اَوگڻن تي پردا پئي ڪيائين. گهڻي لاڏ پيار جو ن
اِهو نتيجو آهي جو هو ايڏو بگڙي ويو. هن ج
ايڏي همت ٿي جو ڀڄي ويو. پر بہ وڃي ي ن
پوي اهڙي پٽ کي ڳولهي وري گهرڙو مٿهن ڪٽ
گهمندس؟"

اِهي اکر ٻڌي تہ هيڪاري گيتا زور زور
روئڻ لڳي، "ڏنوُ! ڏنوَ توهان پيءُ جي ڪن
وهنوار جي ڪري ئي منهنجو لال مونکي ڇڏ
ويو هلي."

ـلي ڪنهن سان؟

گڻيش ۽ نيتا نيم سان روز شام جو هنن جي شيوا ۽ همدرديءَ لاءِ ايندا هئا. آٿت ڏيندا هئا - ”پاپي توهان خيال نه ڪريو، ايشور تي ڀروسو ڪريو. راجو ضرور واپس ايندو.“

پر گيتا کي ته اجايا سجايا خيال اچي پاڳل بڻائي ڇڏيندا هئا - ”الائي منهنجو لال ڪهڙي حال ۾ هوندو. اڃايل، بکايل الائي ڪٿي پيو ڀٽڪندو هوندو. الائي هن دنيا ۾ به آهي الائي نه؟“ ائين چئي روئڻ لڳندي هئي.

چنتا آهي چتا سمان. سڪيلڌو پٽ وڃي هلي ته ان گهر جي حالت ڪهڙي ٿيندي.

گڻيش اڪثر آفيس جي ٽور سان احمدآباد ويندو هو. اتي هو هڪ ننڍي ڍابي ۾ روٽي کائيندو هو. ڍابو جو اتي صفائي به ڪافي رهندي هئي، روٽي به تازي، گرم ۽ سستي ملندي هئي. هو روٽيءَ جو آرڊر ڏئي ويٺو مس ۽ پاڻيءَ جو گلاس چپن سان لڳايائين ئي ته هن جي نظر پيئي ٽيبل تي روٽي ڏيندي هڪ ڇوڪر تي پيئي. هن جا ڪپڙا ڦاٽل، وار وڌيل ۽ بيترتيب ۽ چهرو ڪومايل هو.

ضرورت ئي ڪونہ سمجھي.

راڄو روز ڪهڙن دوستن وٽ پڙهڻ تو وڃ...
ڪٿي تو وڃي؟ پڙهي تو يا مٽرگشتي تو ڪري...
جي سڌ بہ ڪونہ لڌي.

پر هاڻي تہ جھرڪيون سڀ ٻني ئي چڳي چڪ...
هيون. هاڻي ڪافي دير ٿي وئي هئي. هاڻي تہ صر...
هڪ هٿيار ئي آخري هو، "پوليس ۾ رپورٽ ڪرائڻ...
سا بہ ڪرائي وئي. اخبارن ۾ اشتهار بہ وجهايا ويا...
سڀ بيڪار. راڄو تہ اُئين غائب هئو جيئن گڏهہ ج...
مٿي تان سنڱہ.

گيتا تہ روئي روئي اکيون ڪٽي وڃايون، بيمار ٿ...
پئي. ڪٿ ڪٽي پڪڙ پائين. اولاد جي موهہ جي جر...
ڪا گهٽ آهي ڇا؟ جيئن ڪاٺ کي اندر ئي اند...
اڏوهي کائيندي وڃي تہ بہ خبر ئي نہ پوي. تيئ...
گيتا کي بہ اندر ئي اندر ڳڻتي وئي کائيندي.

پر هاڻي ڪجي بہ ڇا؟ جتي بہ ڏس ملند...
هون تہ اسان راڄوءَ جھڙو ڇوڪرو فلاڻي شهر ۾ ڏ...
آهي تہ گوپال جهٽ گاڏيءَ ۾ چڙهي اُتي وڃ...
هن جي تلاش ڪندو هو.

پيءُ جو هردو ڪيڏو بہ ڪنور هجي پر اول...
لاءِ تہ هو بہ موم آهي. اندر ۾ تہ هو بہ ڳرلو پئي پ...

گڻيش راجوءَ کي سڏو گهر اچي ڇڏيو.

گيتا جو ته اندر ڦري ويو پٽڙو ڏسي. جڻ نئون جنم ملي ويس.

گڻيش راجوءَ کان پڇيو - "تون گهران ڀڄي ڇو وئين؟"

راجو - "مان پاڻ ڪونه ويس، مونکي گولا ڪڍي ويا هئا."

گڻيش - "پر جڏهن انهن توکي ڇڏي ڏنو ته تون گهر ڇونه آئين؟ اٽي ٻئري جو ڪم پيو ڪرين، هتي ته تو ڪڏهن ماءُ پيءُ کي به هڪ گلاس پاڻيءَ جو ڀري ڪونه پياريو؟ نوڪر جو ڪم ڪندي توکي شرم نه آيو؟"

اهي اکر ٻڌي گيتا جو پارو چڙهي ويو، اندڙي ممتا وري زور مارڻ لڳي. چيو "ٻڙو ٻڙو چئي توهان ته اسان کي لڄي ڪرائڻ جي ڪوشش ٿا ڪيو. هڪ ته ڇوڪرو مصيبت ۾ ڦاسي پيو؛ توهان هن کي ڪڙو ڳالهائي وري گهر مان دل کڻي ٿا ڪرڻ چاهيو ڇا؟"

اهو ٻڌي گڻيش کي لڳو جڻ بم هن جي مٿان ڦاٿو. هن نيتا کي هلڻ جو اشارو ڪيو؛ ٻئي گهر کان

گوپال کي سمجهندي دير نه لڳي ته هو راجو
آهي. راجو بيخيالو هو ان ڪري گوپال وڌي و
راجوءَ جي ٻانهن پڪڙي.

گوپال کي ڏسندي ئي راجوءَ جي پيلي
ٿي هيڪاري هيٺ هارجي وئي. هو ٻانهن سان
منهن لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو. ان
هيڪاري گوپال جو شڪ يقين ۾ بدلجي ويو. ه
پڇيس، ”تون راجو ئي آهين نه؟“

راجو ته ڪوڙ ۾ ماهر هو. چيائين - ”نه مان ته
آهيان، ڀلي سيٺ کان پڇو.“

گوپال سيٺ کان پڇيو، ”سائين! هي
توهان وٽ گهڻن ڏينهن کان آهي؟“

”سيٺ، ”مان سمجهان ٿو مهينو کن ٿيو هوندس
ڇو توهان هن کي سڃاڻو ٿا؟

گوپال، ”سائين! هيءُ گهران ڀڄي آيو آهي.
پيءُ هن جي ياد ۾ بيمار ٿي پيا آهن. هن جي ماءُ
بستري داخل پئي آهي. سڄو گهر ڇڏي هٿ
جو ڪم وڃو ڪري.“

سيٺ، عجب مان - ”راجو ڇا هيءُ سچ آهي
راجو ڪجهه ڪجهه نه ڳالهايو.

نئين زندگي

اڄ هن جي خوشيءَ جي ڪا حد نه هئي. من روپي مکڙي ٽڙي جڻ گل ٿي پيئي هئي. ٽڙي ڀلا ڇو نه؟ جواني ئي اُمنگن، جذبات ۽ خوشين جو سنگم آهي. جوانيءَ ۾ هر ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي هڪ خواهش ٿي رهي. سٺو جيون ساٿي ملي ۽ نئين جيون جي شروعات ٿئي.

سو مدوءَ جي قسمت ۾ پاسو ورايو. اڄ راجڪمار جيڪو نه صرف نالي جو ئي راجڪمار هئو پر شڪل شبيهه، رنگ روپ، ناهه نوهه ۾ به راجڪمار کي مات ڪري رهيو هئو. اُنهيءَ جي راجڪمار سان مدوءَ جي مڱڻي يعني هاف مئريج شام جو پنجين بجي ٿيڻي آهي. جيون ساٿيءَ جي چونڊ تي هن کي فخر آهي. راجڪمار بمبئيءَ ۾ ليکن جو ڪم ڪندو آهي.

ٻاهر هلي آيا. گڻيش جو چهرو غصي ۾ ڳاڙهو ٿي
پر نيتا جي اکين مان لڙڪ ڳڙي آيا. ٻنهي جـ
ڪيڏي نه گهڻائي ٿي هئي.

گهر پهچي گڻيش نيتا جي ڳالهين تان ٻنهي هٿن سـ
ڳوڙها اگهي چيو، "ڇوري اسان ته پنهنجي فر
ادائي ڪئي آهي. هاڻي انڌي ممتا جي ڪر
هن جو پٽ هٿن مان وڃي ته وڃڻ ڏينس
۽ ٻئي ان ڳالهه کي دل تان وسارڻ جي ڪوشـ
ڪرڻ لڳا.

مدوءَ جي پيءُ کي هتي هفتو کن ترسڻو پيو جو ڊاڪٽرن جي راءِ جاڻڻ بنا موٽڻ هن لاءِ مناسب نه هئو. مدوءَ جي سڄي زندگيءَ جو فيصلو هاڻي ڊاڪٽرن جي راءِ تي ئي قائم هئو. مدوءَ جي پيءُ پنهنجي مهڙ ڊاڪٽر سان ڳالهايو. ڊاڪٽر چيو، حقيقت هيءَ آهي ته هڪ ته هڏيون جڙڻ ۾ وقت لڳندو. ٻيو ته جڙڻ کان پوءِ مريض جي ٽنگ ۾ ڪا وڌ رهجي وڃي ان ۾ ڪو شڪ نه آهي جو هڏيون ٻن ٽن هنڌان جڙڻ کان پوءِ قدرتي طور بگڙي سگهن ٿيون. ڪيتري به ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ به پوريءَ طرح وشواس نه آهي ته ٽنگ پنهنجي اصلوڪي بيهڪ تي بيهندي. وڌيڪ ڪٽي قسمت."

"توهان جي راءِ ۾ راجڪمار کي ٺيڪ ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو؟"

ڊاڪٽر - "اهو چوڻ ڏکيو آهي. ڇو جو اهو هڪ ته مريض جي تندرستيءَ ۽ مرض جي گهرائيءَ ٻنهي تي مدار ٿو رکي. ٿي ٿو سگهي ڇهه مهينا لڳن يا سال به لڳي وڃي."

مدوءَ جو پيءُ گهري سوچ ۾ پئجي ويو. ڍيمن قدمن سان هو اسپتال کان ٻاهر نڪتو. هن جي سڪيلڌي پٽ جي قسمت ۾ خوشيءَ جي گهڙي اُس

گهر ڀريو پاڻيو اٿن. لکن سان ٻيو راند ڪري. ٻيو
ڪي ڪپي چا؟ مڏو به گلاب جو گل لڳي پيئي آهي
ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي سنگيت جي. سريلو گلو ور
۾ مليو اٿس. سو جوڙي ڏسي هر ڪنهن هنن جـ
تقدير کي ساراهيو. وري سون ۾ سهاڳو اهو ته ٻـ
چول ڪا هئڻ ڪونه. بس شادي ٻـ مهيني کن
پوءِ ڪرڻ جو اراده ڪيو ويو جيئن ٻنهي ڌرين کـ
شاديءَ جي تيارين لاءِ ڪجهه وقت ملي وڃي. ٻ
مهورت ڪيائڻ باقي هو، ٻنهي پاسي شاديءَ جـ
تياريون زوردار ٿيڻ لڳيون.

پر چوندا آهن ته بندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحـ
جي من ۾ ٻيءَ جو انت ڪنهن نه لڌو آهي. پندر
ڏينهن کان پوءِ مڏوءَ جي گهر تار آئي ته راجڪـ
جو ڪنهن ٽرڪ ايڪسيڊنٽ ۾ ٽنگ ۾ زبردست فرڪـ
ٿي پيو آهي.

اهو ٻڌي مڏوءَ جو پاءُ جنهن جي مٿو سڪيلڏ
پيئڻ هئي، بمبئيءَ روانو ٿي ويو. راجڪمار اسپتال
پرٽي هو. هن جي ساڄي ٽنگ ۾ فرڪچر ٿيو جنهن
هڏي ٻن ٽن هنڌان ٽٽي پئي هئي. ٻي ٽنگ هلڪ
چوٽ لڳڻ ڪري ايشور جي ڪرپا سان بچي و
هئس.

ڇو جو هن وقت مدوءَ جو پيءُ، گهر جو بزرگ ۽ وڏو
ڀاءُ به هوءُ ئي هو. ڪيئن هو پنهنجي پيءُ جي آئينده
کي اندڪار جي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏي؟ ڏينهن قدمن
سان هلندو هو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ويهي رهيو.
هتاش، نراش، ٿڪل ۽ ٽٽل. ڪجهه وقت کان پوءِ ماڻس
ئي همٿ ڪري هن کان حال چال پڇڻ جي همٿ
ڪئي.

”ڇو پٽ ايڏو ويچارن ۾ ڇو آهين؟ ڇا راجڪمار
جي طبيعت وڌيڪ خراب آهي؟“

ڪجهه وقت پٽ ماءُ جي اکين ۾ اکيون کپائي ويچارن
جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو رهيو. هن کي لڳو هو
زمين تي نه آهي ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ وڃي الوپ ٿي
ويو آهي. پر ماءُ جي وري وري ڪيڪارڻ ڪري
جڻ هو ٻيءَ دنيا مان واپس موٽي آيو ۽ پنهنجو اٽل ۽
گنڀير فيصلو ڏنو - ”امان، هيءُ رشتو ماڻي ٿي نه
سگهندو.“

ماڻس تپرس ۾ اچي چيو، ”پٽ، هيءُ تون ڇئين
ڇا پيو؟“

”ها امان، مان ٺيڪ ٿو چوان. راجڪمار جيڪر
ٺيڪ ٿي به ويو ته به هن جي ٽنگ ۾ وڏ رهجي ويندي
جو هڏي ڪافي هنڌن تان ٽٽي پئي آهي. الهيءَ

۾ آرسيءَ جي چمڪي جيان جهمڪڻ چمڪاٽ ڪر
غائب ٿي وئي هئي.

ته ڇا هو راجڪمار جي نيڪ ٽيڻ جو انتظار ڪري
۽ وري ايتري انتظاريءَ ڪان پوءِ به ننگه ۾ ڪا
رهجي وئي ته ڇا سندس پيٽوڻو وساڪين جو سھ
وٺي عمر پر لنگڙائي هلندو؟ ۽ پوءِ ماڻھو ڇا چو
ته هيءُ لنگڙو مڙوءَ جو پٽي آهي؟ ۽ پوءِ هو مڙ
ڪي دنيا جي نظر سان ڏسندا يا عجب ڪائيندا ي
ورڻاتا جي هن بي انصافيءَ تي ڇو - چو ڪندا وين

سمنڊ جي لهرن وانگر هن جي لونڊڙين تي ڏا
ڏانءَ ويچارن جا ڏڪ لڳڻ لڳا. سور ڪان هن ج
مٿو ڦاٽڻ لڳو. ٻه گھڙيون هو ٻئي هٿ مٿي تي رک
ويھي رهيو ۽ پوءِ تڪڙ ۾ اٿي واپس گھر اچڻ ج
ارادو ڪري ٽرڻ ۾ ڪيئن ۽ ڪيڏي مھ
چڙهي اچي گھر پهتو ان جو هن کي هوش نه آهي

گھر ۾ گھڙندي ئي گھر جي سڀني ڀاتين ج
اکيون هن جي چهري تي کپي ويون. هر نظر ۾ ه
ئي سوال هو. هر نظر پريشان، بيتاب، بيچين هئي
مڙوءَ جي نظر سان نظر ملائڻ جي ته هن ۾ همت ئـ
نه هئي. ته به پاڻس من ۾ نشچو ڪري من مضبو
ڪري ڇڏيو هو ته گھر ۾ فيصلو ڪهڙو ڏيڻو آهي

ونتا نه ڪر امان، مان ڪوشش ڪري ڇوڪرو ڳولهي
ھندس. پر مڊوءَ کي ڪنهن لنگڙي جي سپرد نه
ڪندس." مڊوءَ جي پاءُ چيو.

ان ڪان وڌيڪ ماڻس ڪجھ ٺيڪ نه سمجھيو.
يني "هري لڇا پلوان" سمجهي مڊوءَ لاءِ ٻئي ڇوڪري
ي تلاش جاري رکي.

قسمت سان مڊوءَ جي پاءُ جو هڪ ننڍپڻ جو
ڪلاس جو ساٿي جيڪو هن وقت پائلٽ هو؛
ڪنهن ڪم سانگي هن شهر ۾ آيو هو تنهن جي
ملاقات رستي تي مڊوءَ جي پاءُ سان ٿي. ڳالهائيندي
الهائيندي مڊوءَ جو پاءُ پنا ڪنهن ويچار جي هن
ي چانهه پاڻيءَ لاءِ گهر تائين وٺي آيو. مڊو چانهه
ڻي آئي. ٻنهي دوستن چانهه ناشتو ڪيو؛ پوءِ
پائلٽ ڪشور هن سان وري گڏجڻ جي پيشڪش
ڪري رخصت ٿي ويو.

مڊو جڏهن چانهه جا خالي پيالا واپس کڻڻ لڳي
ڏسي ته ٽي.وي. تي هڪ فائيل پيو آهي جنهن ۾
ڪشور جي آفيس جي ڪم جا ڪاغذ پيا آهن. هو
شايد فائيل کڻڻ ڀلجي ويو هو.

ڪشور کي ڏسي مڊوءَ جي من ۾ ٿوري هلچل
ي ضرور پر هوءَ پهرين مڱڻي ٽٽڻ کان پوءِ هڪدم

ڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته مڏوءَ جي زندگيءَ
سان ڪلواڙ نه ڪري راڄڪمار جو وڇار ڇڏي ڏيون
ماءُ - ”پر پٽ تون اهو ته سوچ ته ور
اسان کي اهڙو ڇوڪرو ڪٿي ملندو؟ ڪا ٻول چو
به ڪونهي، خاندان سٺو، پئسي وارا، اهي سـ
ڳالهيون هڪ ئي هنڌ اسان کي ڪٿي ملـ
سگهنديون؟“

”امان، مون پڪو نشچو ڪيو آهي ته مڏوءَ جـ
هاڻي هن ڇوڪري سان ڪو به سنبنڌ ڪونهي. پس
وڌيڪ بحث مان نٿو ڪرڻ چاهيان.“ پٽ اٽل ارادي
سان چيو.

ماءُ - ”پٽ، اهو ته سوچ، روز دنيا ۾ ڪيترا
ائڪسيڊنٽ پيا ٿين ته ڇا ماڻهو ٺيڪ ڪونه ٿا ٿين؟
پٽ - ”ها امان، ٺيڪ ڇو نه ٿا ٿين پر هيءَ ڪيس
ٽيڙو آهي هن ۾ وڌ رهڻ جي پوري گنجائش آهي
وري سڄو سال انتظار ڪير ڪندو؟“
پر جيڪر شاديءَ کان پوءِ اهڙو ڪجهه ٿئي ها ت
پوءِ ڇا ڪري سگهجي ها؟ پوءِ به ته ڪا راه ڪون
هئي؟“ ماءُ چيو.
”ها پوءِ راه نه هئي پر هاڻي ته راه آهي. مڏو
جهڙي ڇوڪريءَ لاءِ سوين ڇوڪرا ملي ويندا. تو

انهه ئي ويچارن جي چڪرويوهه ۾ چڪر پيو لڳائي
در جي ڪال بيل وڄي. در مدوءَ جي ماءُ کوليو.
شيام جي ويچارن جو سلسلو ٽٽو. ڪشور ڪيئن
ڪڏهن اچي هن جي پر ۾ ويٺو شيام کي سمڪ ئي
پئي. هو ته اکيون پوري ڪنهن گهري سوچ ڪري
ڪمارو ملڻ جون انڪلون پيو لڳائي. آخر ڪشور کي
ڳالهائڻو پيو، ”ڪر خبر يار ڪهڙن ويچارن ۾ گم
هين؟ مان ڪيتري دير کان ويٺو آهيان ۽ توکي ڪا
ڌ ئي ڪونهي؟“

شيام جڻ ڇرڪ ڀري ننڊ مان جاڳيو. دوست جي
جيان ڪندي همت ملايائين. ڪشور چيو، ”يار
پنهنجي يارن کان به من جي ڳالهه لڪائيندين ڇا؟“
شيام چپ رهيو. ”ڇڏ يار، هيڏن ڏينهن ۾ ته همت
و آهين، پنهنجي پريشاني ٻڌائي توکي پڇائڻ نٿو
اهيان.“

ڪشور - ”واهه دوست! دوستن کي خوب سڃاتو
ئي. چوندا آهن وند ورهاءِ سک پاءِ. هونئن ته
شيون ئي ورهائيون آهن پر دوستن ۾ غم به
رهائجن.“

گهڻي چوڻ تي شيام مدوءَ جو سڄو قصو ڪشور
ٻڌائي ٿڌو ساهه کنيو.

بي جان، نراس ۽ غمگين ٿي وئي هئي. جڏهن
جيون ۾ خوشيءَ جي روشنيءَ جو سامان ڪنهن انڌيري
کي سپرد ڪري روشنيءَ کي تالي ۾ بند ڪري ڇڏ
هجي.

جيڪو به پڙهندڙ هو ته هن جي ڀرپور مڱڻي ٽٽل آه
ته بنا ڪنهن جاچ جي اِهو ئي سمجهندو هو ته ضرو
ڇوڪريءَ ۾ ئي ڪو نقص آهي. مٺوءَ جي ڪل خوشي
اُڇاهه جڏهن ڇو منتر ٿي ويا هئا.

اِنسان جذباتي آهي. هو نراس جلد ٿيندو آهي
آشاوادي گهٽ. غمگين جهٽ ٿيندو آهي، خوش دير
سان. وري ڪنهن ٿي وقت جي مار سان جيڪر ڪ
حادثو ٿيو ته پوءِ عمر ڀر ڏجي ڀيو ڀير وڌائيندو
مٺو به زندگيءَ ڏانهن هاڻي بلڪل نراس ٿي وئي
هن جو جوش، اُمنگ، اُتساهه، چنچلتا جڏهن پُـر ڪري
اُڏامي ويا هئا. ڀلا من کي ڪير سمجهائي؟

وقت جي ڀلهاري آهي. وقت جيڪر ڪروٽ نه
مٽائي ته اِنسان ته مٽيءَ جي مورت ٿي پوي. جيئري
ئي مري وڃي. خوشي غم، رات ڏينهن وانگر جوڙ
آهن. بنا خوشيءَ غم جي سڃاڻ نه ٿي ٿي سگهي. بن
غم خوشيءَ جي قيمت جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي.
ٻئي ڏينهن شام جو مٺوءَ جو ڀاءُ آفيس مان اچي

سب ڪروڙن سچائيون هن جي اڳيان ڪيئي پورو
ڪري خوش رکي ٿو سگهي. مڙوءَ کي خوش ڏسي
يام به خوش هو جو مڙوءَ جي جيون ۾ رونق
چي وئي هئي. زندگي هن لاءِ رنگين ۽ روماني
ي پئي هئي.

اهي زندگيءَ جا ٻه سال ڪيئن نڪري ويا مڙوءَ
ي سمجهه ئي ڪانه پئي. پر چوندا آهن ته انسان جي
نم کان پهرين ئي وڌاتا هن جو ليکه لکي ڇڏيندو
هي. اهو ليکه ئي ته هو نه ته ڀلا سيتا ٻن ۾ ڇو رلي
ا؟ راڌا کي ڪرشن جو وڇوڙو ڇو سهڻو پيو هـا؟
يران کي راڄ ڇو ڇڏڻو پيو ها؟ ان ليکه کي وڏيون
ستيون به نه ٽاري سگهيون ته پوءِ مڙو ته هڪ رواجي
ستري هئي. پائلٽ جو جيون هميشه جوکي ڀريو
وندو آهي. ليکه اهڙو ٿيو جو ڪشور جو هوائي جهاز
رگهٽنا ۾ موت ٿي ويو. مڙوءَ جي زندگيءَ ۾ انڌيري
ئين قدم رکيو جو اجالي جي هڪ ترورِي جي روشني
ه هن لاءِ ڪين بچي.

شاديءَ کان پوءِ مڙوءَ نوڪري ڇڏي ڏني هئي پر
ماٺي وري هن نوڪري ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هـن
پپر ۾ اشتهار پڙهـي نوڪريءَ لاءِ درخواستون
وڪليون. اتفاق سان مڙوءَ کي بمبئيءَ جي هڪ

ڪشور ڪلي چيو ”بس ڳالهه به ايتري؟“
”ڀلا مون ٻڌي لاءِ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟
ايترو ٻڌندي ئي شيام جي چهري تي چڻ ڇم
اچي وئي. چي ”ڪشور تون مزاڪ ٿو ڪرين!
ڪشور مسڪرائيندي چيو، ”شيام، سچ ته ه
آهي ته ڪالهه ئي مان دل توهان جي گهر ڇڏي و
هوس اها ئي ته ڪٿڻ آيو آهيان.“

”تون مزاڪ ڪرڻ ۾ گهٽ ڪينهين، هيءُ فائي
ڪٿڻ آيو هوندين.“ فائيل ڪشور طرف وڌائيندي شيا
چيو.

ڪشور— ”نه نه، شيام مان سچ ٿو چوان. مان
مدوءَ جي سونهن تي ئي موهت ٿي ويو آهيان. س
هيءُ مزاڪ نه سمجهه.“

شيام کي ته اهڙي ڪا اميد ئي نه هئي ته ڪ
هيءُ ڪم هيڏي سولائيءَ سان ٿي ويندو.

ائير فورس وارا هوڻ ڪري ٻئي ڌرا، دل ڦينڪ
فارورڊ ٿيندا آهن. جهٽ منگڻي پٽ شادي ٿي وئي
مدوءَ جا سپنا ساڪار ٿي ويا. هن جون سڀ اڇائون
امنگ، جن بابت ڪر موڙي جاڳي اٿيا. ڪشور هـ
سان بي انتها محبت ڪندو هو. هن جون سڀ
خواهشون پوريون ڪندو هو. مڙس ئي ته زال جو

جڪمار اُن خاموشي ٽوڙي. "جيڪر مان ڀُل نہ
ڪيان تہ تون مڌو آهين؟"

مڌوءَ ڪنڌ 'ها' ۾ لوڏي هامي ڀري ۽ چيو "ها
ن مڌو ئي آهيان."

"مڌو تون هتي ڪٿي؟"

"اها وڏي داستان آهي." مڌوءَ چيو.

"ڇا اڪيلي آهين؟"

"فلحال تہ اڪيلي آهيان."

"جيڪر ڪو اعتراض نہ هجي تہ هڪ ڪوپ ڪافي
ڏ ويهي پيئون."

مڌوءَ ڪنڌ سان هامي ڀري.

ٻئي ڀر جي هڪ ريسٽوران ۾ گهڙي ويا.

راجڪمار پڇيو "تو شادي ڪئي؟"

مڌو "ها."

"ڀر هي ڇا تنهنجي مٿي تي نہ تلڪ آهي نہ
ڳلي ۾ منگل سوتر؟ تہ ڇا؟"

مڌو - "ها، هاڻي منهنجو جيون ساٿي هن دنيا
۾ نہ آهي."

راجڪمار - "اوه! آئي ائم ساري. ڀر اهو ڪيئن
ٿيو؟"

مڌوءَ پنهنجي ٻن سالن جي رام ڪهاڻي ٻڌائي

ڪاليج ۾ سنگيت ليڪچرار جي پوسٽ ملي ۽ هن ڏ
ٻمبئيءَ اچي رهڻو پيو. جيون جـــي گذريل سونهر
گهڙين کي ياد ڪري هوءَ پنهنجو جيون گذاري رهـ
هئي. گهمڻ گهمڻ جو شوق تمام گهٽ هوس پر تہ
ڪڏهن ڪڏهن ساهيڙيءَ سان گڏ شهر ۾ خريداري
ڪرڻ ويڻو ٿي پوندو هوس ۽ آرتوار کـان سواءِ اهـ
ڪم ناممڪن هو. ها اُن ڏينهن بہ آرتوار هو. هن ڪـ
روز مره جي شين لاءِ بزار سيداس ڊپارٽمينٽـل اسٽـو
تي ويڻو پيو. برش، ٽوٿ پيسٽ، ريڪسونا، رن ...
وغيره. ۽ هوءَ اسٽور تي بيهي مٿي تـي هٿ رکـــي
باقي شيون ياد ڪرڻ لڳي تہ هن جـي نـگاهہ ڪنهن
سڃاتل شڪل تي پئي جيڪو ڪائونٽر تي بيٺو هـو.
هن جي هٿ ۾ لڪڻ هـو جنهن جـي مدد سان اڳيان
وڌي هو اسٽور ۾ شيون ڏسڻ لڳو. اهـا شڪل پهـ
مٿو ڪيئن ٿـــي وساري سگهي؟ اهو ٿـــي راجڪمار
هيترن سالن کان پوءِ هن جي سامهون بيٺو هـو. ٻنهي
جون نظرون هڪ ٻئي جي نظرن سان ٽڪرايون ۽ ڪيترا
ئي شڪوا گلا نظرن مان ئي پڙهيا ويا ۽ پوءِ فارميلٽيءَ
سبب هلڪي مرڪ ٻنهي جي چپن تي تري آئـــي ۽
نمستي لاءِ ٻنهي جا هٿ ٻڌجي ويـا. منهن مان ڪير
ڪيئن ۽ ڇا چوي؟ اهو هڪ اهـــم سوال هـو. نيـٺ

”سچ تہ ھيءُ آھي مڌو، تہ مان تنھنجي دل
ي نہ ٿي ڪرڻ چاھي ٿو جذبات کي اُڀارڻ ٿي
اھيو. توکي دکہ پھچائڻ جي ھن گستاخيءَ لاءِ
ن شرمسار آھيان ۽ معافيءَ جو طلبگار آھيان، پر
ڳر منھنجي دل کان پڇين تہ اڄ بہ منھنجي دل
تو لاءِ اھوئي پيار ۽ عزت آھي جيڪا اُن ڏينھن
ٿي.“

مڌوءَ ساڙھيءَ جي پلوءَ مان منھن ڪڍي عجب
ئي انداز سان راجڪمار کي ڏٺو. ھن جي منھن
ن ازخود نڪتو ”تہ ڇا ھي سڀ ٻڌڻ کان
ءِ بہ......؟“

راجڪمار - ”ھا، ھي سڀ ٻڌڻ کان پوءِ بہ جيڪر
ھنجي دل مون ڏانھن مائل ٿئي تہ مان تنھنجو
ندگي ڀر شڪرگذار رھندس ۽ نئين زندگي شروع
ڪرڻ ۾ جيون ساٿي ٿي رھڻ جي ’ھا‘ ڪرين تہ مان
ريل وقت کي پلجي نئين جيون جي شروعات
ڪندس.“

مڌو ڪڇي جھڙي پئي.

مڌوءَ کي چپ ڏسي راجڪمار مڌوءَ جي ڪومل
ت تي پنھنجو ھٿ رکي ھن کي ھلڪو دٻايو. مڌوءَ
ي ڳلن تي پيار جي لالي ڇڻ لڳي ڳالھہ جي اظھار
ڪرڻ جو ثبوت ھئي.

پڇيو "توهان شادي ڪئي؟"

"نه، مون شادي ڪئي ئي ڪونه."

"پر، ڇو؟"

"بس، ائين ئي."

"ائين وري ڪيئن."

راجڪمار دل جي سچي ڳالهه زبان تي آڻيندي چيو "سچ ته اهو هو ته مون توکي پنهنجي دل ڏيئي ڇڏي هئي ۽ پوءِ جڏهن پتم ته توهان مڱڻي ٽوڙي ڇڏي آهي ته استري ذات جي بيوفائي کان دل کڻي ٿي پئي. سو وري شاديءَ جو اراد و ڪيم ئي ڪين."

"سچ ته هيءُ هو ته اُن وقت منهنجي جذبات جو ڪو قدر نه ڪيو ويو، نڪو مونکي ڪڇ چوڻ جو حق ئي ڏنو ويو، نڪو منهنجي ڪنهن صلاح جي ڪا ضرورت سمجهي وئي. منهنجو پيءُ توهان جي ننگ ۾ وڏ رهجي وڃڻ جي ڊپ کان توهان سان سنبند ڪرڻ کان ڊڄي ويو ۽ وري قسمت سان مونکي هڪ هونهار پائلٽ ملي ويو. پر منهنجي قسمت کي منهنجو سک برداشت نه هو ۽ هوائي جهاز حادثي ۾......" مڌو منهن ساڙهيءَ جي پلوءَ ۾ وجهي سڏڪڻ لڳي.

ساڌو رام ٻاهران چپ رهيو پر اندر ئي اندر سڙي پئي
و. من ۾ چيائين گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه جو نوٽ ڇٽ
ساڙهيءَ جي فرمائش الڳ.

ساڌو رام چيو - "ها ڀلا ٻڌاءِ ته ڇا ڇا آڻڻو آهي؟"
سنيتا چيو - "مونکي اسر ڪرڻو آهي ٿورو ماڻو
رو ر وٺي اچجو."

ساڌو رام پڇيس - "گهڻو؟ پاءُ ڪافي ٿيندو؟"
سنيتا مرڪ ڏئي چيو - "ڪمال ٿا ڪيو! ڀلا پاءُ
ن ڇا ٿيندو؟ ٻار ٻه ته کائيندا، گهٽ ۾ گهٽ اڌ
ڪلو ته هجي."

"ها ٻيو ڇا؟" ساڌو رام مٺي کي کڻندي چيو.
سنيتا سوچيندي چوندي وئي - "ٻيو ته مينديءَ،
ساڳ ۽ مهاوڙ، سندور، ڪجهه سڳنڌي اگربتيون ۽ ٿورو
روت بس."

ساڌو رام ٿيلهي کڻي نڪتو ۽ رات ٿيڻ کان اڳ
ب سامان اچي سنيتا کي ڏنو.

رات جو سمهڻ وقت سنيتا ساڌو رام کي 4 بجي
و الارم ٿاهڻ جي هدايت ڪئي.

اسر ٿيو ته سنيتا پاڻ اٿي. ساڌو رام کي به جاڳائڻ
ي ڪوشش ڪيائين - "ٻڌو ٿا! توهان به اٿي ڪجهه
ه سڳڻ ڪيو. مينديءَ جو به سڳڻ ضروري آهي.

ڄيجڙيءَ جو ورهه

نيتا ۽ سنيتا ٻارڙيون ته آهن ٻئي گڏو گڏ هڪ
ٻئي جون سنهون ساهيڙيون پڻ. ٻنهي جو گهر هڪ ٻئي
جي سامهون هو.

نيتا سنيتا کي ياد ڏياريندي چيو - ”ٻڌين ٿي
سڀاڻي ڄيجڙيءَ جو ورهه اٿئي. ياد اٿئي نه؟“

سنيتا چيو - ”چڱو ڪيئه جو ياد ڏياري ڇڏيئه مان ته
وسري ڪاڏي آهيان.“

شام جو ساڌورام جيئن ئي آفيس مان آيو ته هر
کي چانهه پياريندي سنيتا چيو - ”ٻڌو ٿا! سڀاڻي
ڄيجڙيءَ جو ورهه آهي.“

ساڌورام ’هان‘ چئي چپ ٿي ويو.

سنيتا ورجائيندي چيس - ”بس، هان چئي چپ ٿي
ويا ڇا؟ خبر ته اٿو ته هيءُ ورهه مان توهان جي
تندرستيءَ ۽ وڏي عمر ايشور کان گهرڻ لاءِ هر سال
رکندي آهيان ۽ هر سال مونکي ٿي ٻڌائڻو پوندو آهي
ته توهان کي ڇا ڇا آڻڻو آهي.“

ان رڱيون پيون آهن - "ٻڌو ٽا! هيءَ توهان ڇا ڪيو
ب چادرون خراب ٿي ويون. هيءَ داغ تہ لهندا بہ
ڪونہ."

ساڌو رام وائڙو ٿي ويو چيائين - "ڇا ٿيو؟"

سنيتا چيو - "مون توهان جي ڇيڇ ۾ کٽي ميندي
ٿين سا توهان ننڊ ۾ چادرن کي هڻي ڇڏي."

ساڌو رام ڪلندي چيو، "تو ائين ڇو ڪيو؟ لن ۾
مهنجو تہ ڪو ڏوهہ ڪونهي."

سنيتا ڪافي دير ٻڙڻ ٻڙڻ ڪندي رهي. چانهہ پياري
سنيتا جان کٽي ڳوٺڙيءَ ۾ هٿ وجهي تہ مساڳــ ٿهي
ي ڪونہ. رڙ ڪري چيائين - "ٻڌو ٽا! مون توهان کي
ساڳہ چيو هئو سو تہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي."

ساڌو رام ڏاڙهي وٺي لاٿي هڪ پاسي لاهي ڇڪو
و ٻئي پاسي لاهڻ وراو هر تہ واڪو ٻڌي اچي سنيتا
ڳيان حاضر ٿيو، "وري ڇا ٿيو؟"

"مساڳہ ڪٿي آهي؟"

ساڌو رام غلطي مڃيندي چيو، "برابر هيٺرڻ شين
ر مساڳہ تہ مون کان پلجي ويو."

پوءِ تہ سنيتا اڌ ڪلاڪ پٽي پڙڻ ڪٿي.

وري سنيتا نيتا کي سڏ ڪري پڇيو، "نيتا تو
سر ڪيو؟ ڏسان تنهنجي مينڌي؟"

ڏوهان به هڪ آڳر ۾ ته لڳايو."

پر ساڌو رام گهري ننڊ ۾ هو. اون، اون ڪري پاسو ورائي سمهي پيو.

سنيتا ننڊ ۾ ئي ساڌو رام جي ڇيڇ ٽـسي ڏوري ميندي سگهن طور لڳائي ڇڏي.

اڄو صبوح ٿي ويو هو پر ساڌو رام ڏٺو ته، سنيتا اڃان سمهي پئي آهي. هن سنيتا کي ڏونڌاري اٿاريندي چيو - "ڇو ڇا اڄ چانهه به ڪونه ملندي ڇا ؟"

سنيتا نئين سر پاسو ورائي سمهندي چيو، "مان ته اسر ڪان اٿي آهيان. مونکي چانهه به پيٽي ڪونهي، گئس به ختم ٿي وئي اٿو. اٿي سلينڊر لڳائي اڄ ته پاڻ ئي ڪٽي هڪ ڪوپ چانهه ٺاهي پيئو." ۽ سچ پچ سنيتا بي اوني ٿي سمهي پئي.

ساڌو رام من ۾ چيو، "اف پـت ساڌو رام آخر تنهنجي تندرستي ۽ وڏي عمر لاءِ ئي ته هيءَ ايڏو ڪشٽ ڪري رهي آهي." ٻڙ ٻڙ ڪندو اٿندي چيائين - "هي ڀڳوان! شڪر جو سال ۾ هڪ دفعو ئي ٽيجڙي اچي نه ته سڄي مڙدن جو سر رلي وڃي."

سنيتا اک کولي اٿين ٻجي ۽ ساڌو رام کي چانهه ملي ساڀي اٿين ٻجي.

سنيتا جان اڄي بستر جون چادرون ڏسي ته ميندي ۽

سنيتا مرڪ ڏيندي ڳالهه ڪٽيندي چيو، "اڄ تہ
…ي ڪانہ. سال ۾ هڪ ڏينهن جيڪر پيٽ جو ناشتو
…ڪيو تہ آسمان ڪونہ ڦاٽي پوندو. آخر تہ ورهہ توهان
…ي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر جي ڪري ئي ڪري رهي
…هيان."

ساڌو رام وقت جي نزاڪت کي ڏسندي اکيون ٻوٽي
…ٿون ڏيندي پيٽ ڳرڪائي ويو.

آفيس ويندي چيائين - "منهنجو ٽفن تہ ڏي."

سنيتا چيو - "اڄ روٽي هڪ وقت اڌو ٻوڙ راس جو
…ب پنگ سان ٺهندي. مونکي بہ تہ ورهہ چوڙٿو آهي.
…س رکي ڪير ويٺو هر هر روٽي ڦاهيندو؟ مان اُسر
…ن اٿيل آهيان. توهان بہ اڌو ٻوڙ راس جو ئي پيٽ
…ي کائجو."

ساڌو رام اُداسيءَ سان اسڪوٽر ڏانهن وڌيو تہ سنيتا
…س - "ياد اٿوَ باقي ڪهڙا ڪم ڪرڻا اٿوَ؟"

ساڌو رام وراڻيو - "هينئر تہ ٽيجڙي آڻي ڏيڻا نہ؟"

سنيتا چيو - "ها، هينئر جو هينئر مان پوڄي پوءِ
…ي تہ پاڻي پيئندس. ڪٿ تہ هينئر اُئي سڪي
…ا آهن."

ساڌو رام ٽيجڙي آڻي ڏنس ۽ آفيس وڃڻ لاءِ وڌيو.
…يتا ورجائيندي چيس - "شام جو ڪٿا پڌائڻ لاءِ

ڏسي ته نيتا جا هٿ مهنديءَ سان رڱيا پيا آهن ۽ هن جا هٿ صرف پيلا لڳا پيا آهن.

اچي ساڌورام کي ورنائين - ”پٽو ڌيا! توهان مينديءَ ته سٺي ئي ڪونه آندي آهي. مون توهان کي چيو هو ته چونڪ جي ڪنڊ تي جيڪو ڪاٽي جو دوڪان آهي اُتان ئي مينديءَ آڻجو جو هن جي مشهور آهي پر توهان ته الائي ڪٿان وٺي آيا آهيو. سال ۾ هڪ ڏڻو هٿون مينديءَ سا به رڱي ئي ڪونه.“

ساڌورام منهن پيلو ڪري چيو، ”مان ڪالهه اُن پاسي کان لنگهيس ئي ڪونه سو جيڪو دوڪان سامهون لڌو اُن تان ئي وٺي آيس.“

آقي باقي سنيتا جي پٽ پٽ زور وٺندي وئي.

ساڍا نو ٿي ويا. ساڌورام ناشتي لاءِ اچي ٽيبل تي ويٺو. ڪافي انتظار ڪان پوءِ هڪ وڏي ڪٽوري ۾ پٽ پائي سنيتا ڪٺي اچي ٽيبل تي رکيو ۽ پاڻ ٿڏو ساهه کڻي ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

ساڌورام عجب کائيندي چيو، ”هيءُ پٽ وري ڪهڙي مريض لاءِ آهي؟“

سنيتا جواب ڏنو - ”توهان لاءِ.“

ساڌورام ڪار کائيندي چيو، ”توکي ته خبر آهي ته مونکي پٽ ڏنو به ڪونه وڻي ۽....“

ارو اچي ته ڪمر ونئي گرم ڪري رکجو، ڌيان رکجو ته
ٻامي نه وڃي ۽ ها ٿورو ڪچو ڪمر اڳ لاءِ الڳ ڪيدي
ڪمدا، پلجندا نه.

وچارو ساڌورام اڄ ڦاٿو ڪي ڦاٿو. سوچيائين
ڪر جو سال ۾ هڪ ڏينهن ٿي ٻيجڙي اچي نه ته
روز هڙا پاپڙ ۽ پاٽا پون. ٻر ٻــه ورت ته هن جي
تندرستيءَ ۽ وڏي عمر لاءِ ٿي ڪيو ويو آهي. سوچي
ساڌورام رسوئيءَ ۾ گهڙيو ته ڪلاڪ ڪان پوءِ جڏهن سنيتا
سوئي تڏهن ٿي هن کي ڇٽي ملي.

سنيتا رسوئيءَ جو ڪم جيئن تيئن لاٿو ۽ ڦان ٿي
اچي بستري تي ڪري. مٿو سور ۾ ٻٽي ڦاٽس.

ساڌورام همدرديءَ وچان چيس، "پاٽي پٽندينءَ؟"
سنيتا چيو - "نه نه، سنجها کان پوءِ ته هاٽي پاٽي
۾ ڪونه پٽيندو."

ساڌورام چيو - "مان ٿو چوان، زمانو چنڊ تي پهچي
ويو آهي ۽ توهان انهن ٿي پراڻن وچارن ۾ جڪڙيون
پيون آهيو. ڀلا چانهه پيئڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي؟
جيڪو ماڻهو ڏينهن ۾ چار دفعا چانهه پيئي، اُن کي
هڪ دفعي به نه پيئڻ سان مٿي ۾ سور ٿيندو يا نه؟"

ساڌورام کي گهر ۾ گهٽڻ ٿيڻ لڳي. هو ٻاهر

گرباٽيءَ کي چوندا وڃجو ۽ سنيتا شرمائيندي چيو ٻيو ٻه ڪجهه ياد اٿوَ يا نه؟"

ساڌو رام اڄ ماں سنيتا ڏانهن نهاريو. ڄڻ ڪو نئين نويلي ڪنوار ٿي هجي، ائين پڻ شرمائي. ساڌو رام سمجهي ويو ته سنيتا جو اشارو ڪيڏانهن آهي؟ چيائين - "نئين ساڙهيءَ کان سواءِ ڪم نه هلندو ڇا؟"

پر ائين چوندي هو سنيتا سان نظر ملائڻ جي جرئت نه ٿي ڪري سگهيو ۽ اسڪوٽر کي ڪِڪ هڻي هوا سان ڳالهيون ڪندو نڪري ويو.

شام جو ڇهين بجي گهر پهتو ته سنيتا ڄڻ نئين ساڙهيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي. شاديءَ کي ڏهه سال ٿيا اٿس ۽ هر سال نئين ساڙهي ايندي اٿس. پر هن سال ساڌو رام جو هٿ تنگ هئو. ٻن ٻارن واري گرهستي هلائڻ اڄ جي مهانگائيءَ ۾ ڪو مذاق ڪونهي. ڪوشش ڪرڻ تي ٻه هن کي اوڌر ڪونه ملي سگهي هئي.

سنيتا اڳين ساڙهين مان هڪ ساڙهي پاتي. سورهان سينگار ڪيائين ته ساڌو رام هڪ ٽڪ هن کي ڏسندو رهيو.

سنجها ٿي ته سنيتا چيو - "ٻڌو ٿا! مان ڪٿا ٻڌڻ ٿي وڃان توهان رسوئيءَ ۾ سائي ڀاڄيءَ جي ڪُڪر کي ٻه سيٽيون هڻائي سم تي ڪري ڇڏجو، ڪُڪر

ي لاءِ نئي رکيو ويو هئو.

چنڊ نڪتو تہ سنيتا پوڄا ڪري ارگهہ ڏنو.

ساڌو رام کلي چيو - "چنڊ کي تہ سائنسدانن هاڻي
ي ۽ جبلن جي جاءِ چئي آهي ۽ توهان اڃان پيو ن
نڊ کي ارگهہ ڏيو."

سنيتا تہ هاڻي وراڻي ڏيڻ جي سامرٿ ۾ نہ ئي
ڪونہ هئي. هن جو مٿو سور کان ڦاٽو ٿي. بلڪ کان
ٿ ۾ گهڙس ٿيڻ ڪري دل ڪچي پئي ٿيس.
ٽي اڇڻ جهڙي حالت ٿي ويس.

صبوح کان ورت جو جيڪو اُتساه هوس سڀ ختم
ي ويس. پہ گره ڪائي هن ورت ڇوڙيو ۽ وڃي بستري
ي پئي.

ساڌو رام ٻارن کي روٽي کارائي ۽ خود بہ جهڙي
هڙي ڪائي اچي سنيتا جي مٿن کان ويٺو ۽ هن جي
ٽي کي هلڪا هلڪا زور ڏيڻ لڳو.

سوچڻ لڳو هيڏي جتن سان روٽي ناهيائين سا بہ
ڪافي زبان ٿي وئي. ساڌو رام بہ صبوح کان وٽ پڪ
ڪ ٻوڙ جي ڪري ٿڪجي پيو هئو. هن کي سوچ
يو تہ هو سنيتا لاءِ نئي ساڙهي نہ آڻي سگهيو جڏهن
ڪ هيءُ ورت سنيتا هن جي تندرستيءَ ۽ لمبي عمر

نڪري وڃڻ لڳو ته ٿورو ٽهلي اچي ته سنيتا ٽوڪيس - ”ٻڌو ٿا! پري نه نڪري وڃجو، چنڊ ساڍي اٺين ٿائين نڪرندو اُن کان اڳ اچي وڃجو.“

ساڌو رام خفا ٿي چيو، ”مونکي ٿورئي ارڳهه ڏيٺو آهي؟“

سنيتا - ”ارڳهه ته مان ڏيندس پر روٽي توهان کان پهرين ته ڪونه کائيندس. توهان کي پيري پئي پوءِ ئي کائيندس. جڏهن ورت ئي توهان جي تندرستي ۽ لمبي عمر لاءِ ٿي ڪيان ته ڇا توهان ايترو به نٿا ڪري سگهو ته جلد هلي اچو.“

ساڌو رام ٺيڪ اٺين بجي واپس موٽي آيو.

سنيتا چيس - ”ٿوري تڪليف ڪري مٿي ڪڏ تي چڙهي ته ڏسي اچو ته چنڊ جي سهائي ٿوري گهڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿي يا نه؟“

ساڌو رام ڇتي پاسي نهاري ٻارن کي ڳولهڻ لڳو. ”ٻار ڪيڏانهن ويا آهن؟“

سنيتا چڙ مان جواب ڏنس - ”اُهي ته پڙهڻ ويا آهن.“

۽ ساڍي اٺين بجي ٿائين ته ساڌو رام کي ست دفعا ڪڏ تي چڙهڻو لهڻو پيو. ڪري به ڇا؟ ورت به ته هن

گنھگار

… سياري جا ڏينهن هئا، سو به ڊسمبر وارو مهينو.
… ڙي رات جو هر ڪو سوڙ ۾ سوگهو ٿيو سمهيو پيو هو.
… ٺانڪ ٺڪ، ٺڪ ٺا جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ڀاڙي وارن جي اڪثر
… ي پيئي. ٺڪ ٺا جو آواز ٻڌندي ٻي. مگر ڪو به گهر
… ن ٻاهر ڪونه نڪتو ته ڀاڙي ۾ ڇا ٿي رهيو آهي.
… رف ٿوري وقت جي واسطي، هيسايل اکڙين سان سوڙ
… ن منهن ٻاهر ڪڍي ورئي سوڙ وجهي سمهي پيا.
… صبح ٿيو، ڪير واري اچي دروازو کڙڪايو. ڪافي
… ئر تائين دروازو کڙڪائيندو رهيو، مگر دروازو ڪونه
… ليو. آخر دروازي کي ٿورڙو زور ڏنائين ته دروازو
… لي پيو. تنهن کانپوءِ به ٻه ٽي پيرا سڏ ڪيائين، مگر
… ندران ڪوبه جواب ڪونه آيو. لاچار ٿي گهر جي اندر
… ڙهيو. گهڙڻ سان ئي هن کان دانهن نڪري ويئي.
… ڏٺائين ته چار لاش رت سان رنگيل پٽ ۾ پيا آهن
… ٿوڙيءَ جو دروازو ڀڃڻ کليو پيو آهي. ڪير وارو
… ڏيڪ وقت ترسي نه سگهيو ۽ دانهون ڪندو ٻاهر
… ڪري آيو. سندس دانهن تي اوڙي پاڙي وارا اچي
… ڏ ٿيا. نٿورام جو هيءُ حال ڏسي سڀني جي نيڻن

لاءِ ٿي ڪري رهي هئي. اها ڳالهه ياد ڪري هن کي ڪافي سنتوش مليو. سنيتا هن لاءِ ڪيڏي نه جاڪوڙ ڪئي هئي. هوءَ سنيتا جي مٿي کي هلڪا هلڪا زور ڏيندي آئي ۽ ڪرسيءَ تي ويٺو ننڊ جي گود ۾ سمائجي ويو.

مونکي ناروءَ بہ ئي شڪ پيو ٿو." اِها ڳالھ ٻڌي
ي صاحب خود منجهي پيو ٿو. سب اِنسپيڪٽر
ڪرڻيءَ کي نٿو رام وٽ وهاري، پاڻ مکي صاحب
ساڻ ڪري جيپ اچي ناروءَ جي دروازي وٽ
ماري. مکي صاحب کي اِنسپيڪٽر چيو تہ توهان
ان ئي وڏي آواز سان ناروءَ کي سڏ ڪريو. مکي
حب ائين ڪيو.

ناروءَ مکي صاحب جو آواز سڃاتو. هن ڄاتو ٿي تہ
ي صاحب مونکي نٿو رام جي موت جي خبر ٻڌائڻ
و هوندو. مان بہ روئي پٽي بيگناهيءَ جو ثبوت
يندس. ناروءَ جيئن ئي دروازو کوليو تہ اِنسپيڪٽر
ي نظر پيس. نارو اِنسپيڪٽر کي ڏسي هراسجي ويو.
وش گم ٿي ويس. هن ڀڄڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي،
ر اِنسپيڪٽر کيس ٻوڙي ٻانهن کان پڪڙي ورتو.
ڻ جي ڏوھ سبب اِنسپيڪٽر ناروءَ کي ٻڌي
ماڻون پڻ وهائي ڪيائون. گهر وارا پوليس کي گهر
آيل ڏسي گهٻرائجي ويا. ڪن تہ گهر کان ٻاهر
ڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي مگر اِنسپيڪٽر هڪل
ڪري گهر وارن کي چيو تہ "ڪو بہ ٻاهر نہ وڃي
ڪڏهن ڪنهن بہ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ
کي شوٽ ڪيو ويندو."

۾ نمبر پرچي آيو. خبر پهچندي مکي مينگهراجمل پاڻ ڊوڙندو آيو. اچڻ شرط هن پوليس کي فون ڪئي. فون ملڻ شرط پوليس سر زمين تي آئي. جاچ ڪندي انسپيڪٽر کي نٿورام جو سرير ڪجهه گرم محسوس ٿيو. فون ڪري ڊاڪٽر صاحب کي پڻ گهرايو ويو. ڊاڪٽر نبض ڏسندي چيو ته نٿورام اڃان تائين ته زنده آهي. کيس جلدي اسپتال کڻائي ويا. آپريشن ڪري سندس سيني مان روالور جي گولي ڪڍي وئي ۽ رت جي بوتل پڻ چڙهائي وئي هئي. ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ نٿورام هوش ۾ آيو. هوش ۾ اچڻ شرط هن جي منهن مان نڪتو، ”نمڪ حرام نارو تو هي ڇا ڪيو!“ اهي اکر ٻڌي پوليس انسپيڪٽر سري نٿورام جي پرسان تي ويٺو. نٿورام کي هڪ ٻه سڏ پڻ ڪيائين مگر نٿورام ڪو به جواب ڪو نه ڏنو. ڊاڪٽر صاحب انسپيڪٽر کي منع ڪئي ته فلحال نٿورام کي آرام ڪرڻ ڏيو.

”مکي صاحب، هيءُ نارو ڪير آهي؟“ انسپيڪٽر مکي مينگهراجمل کان پڇيو.

”سائين، نارو ته نٿورام جو جگري دوست آهي“ انسپيڪٽر ڏانهن نهاريندي مکيءَ چيو.

”برابر دوست هوندو مگر، نٿورام جي چيل لفظن

ن دشمني هئي؟ تون تہ سندس گهري ۾ گهرو
هئين."

نارو وڏا وڏا قسم کڻڻ لڳو تہ مونکي ڪابہ خبر
ڪونہ آهي.

"تنهن هوندي بہ توکي اسان سان گڏ هلڻو پوندو."

"انسپيڪٽر صاحب توهان ايتري قدر بي انصافي
وتا ڪريو. يار بہ مري منهنجو ۽ پڪڙيو بہ مونکي ئي
ا. هيڏي وڏي شهر مان توهانکي ڪو بہ گنهگار نظر
ڪونہ ٿو اچي مونکان سواءِ؟"

"نارو، وڌيڪ ڳالهائڻ جو ضرور ڪونہ آهي. هيءَ
مکي صاحب جي عزت ڪري توکي ڪجهہ ڪونہ ٿو
جوان، نہ تہ هينئر ئي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيانءِ.
جلدي پنجين منٽين ۾ تيار ٿي اچ."

ناروءَ اندر وڃي زال کي ڪن ۾ ڪجهہ چيو ۽ مٿي
چٽيءَ ڏانهن اشارو پڻ ڪيائين. انسپيڪٽر دريءَ کان
ب ڪجهہ ڏسي ورتو هو. اهڙي گنهگار کي پڳوان
معاف نہ ڪري سگهندو آهي. نارو جيڪڏهن پٽيءَ
ڏانهن اشارو نہ ڪري ها تہ انسپيڪٽر کي شڪ ئي نہ
وي ها.

انسپيڪٽر مکي صاحب کي چيو تہ، "ٿورو وقت
اندر تہ هلجو. انسپيڪٽر اندر آيو. "نارو هن پٽيءَ ۾

انسپيڪٽر پوليس وارن کي حڪم ڪيو ته سڄي گهر جي تلاشي ورتي وڃي. مکيءَ نفرت جي نگاهن سان ناروءَ ڪي ڏٺو. ناروءَ پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون هيون. جڻ هن گناهه جي قبوليت ڏيئي ڇڏي هئائين. اڌ ڪلاڪ جي تلاشيءَ کان پوءِ به ڪجهه هٿ نه آيو ته ناروءَ جو جهڪيل سر مٿي کڄيو. مکي صاحب ڏانهن نهاري پڇڻ لڳو، "مکي صاحب آخر ڳالهه ڇا آهي؟"

مکيءَ کيس سڄيءَ حقيقت کان واقف ڪيو. اهــا حقيقت ٻڌي نارو اچي رُئڻ ۾ ڇڙڪيو. ورلاپ ڪري رُئڻ لڳو. گهر وارا پڻ ناروءَ کي رُئندو ڏسي پاڻ به رُئندا رهيا. انسپيڪٽر خود پريشان ٿي ويو. ان وقت کيس به ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي.

"انسپيڪٽر صاحب هاڻي توهانجو ڇا ويچار آهي؟"

مکيءَ انسپيڪٽر ڏانهن نهاريندي پڇيو.

"مکي صاحب پلي ڪٽي ثبوت نه ملي سگهيو آهي مگر منهنجي دل ٿي چئي ته هن راز جي ڄاڻ ناروءَ کي ئي آهي."

مکيءَ ناروءَ کان پڇيو، "نارو توکي خبر آهي ته هيءُ ڪڌو ڪم ڪنهن ڪيو هوندو؟ يا نٿو رام جي ڪنهن

…ري دوست کي ڪٽنب سميت قتل ڪري ڇڏيائين.
…و دوستيءَ تي ڄڻ ڪارهن جو داغ ٿي پيو. نه ته
…ست دوست جي واسطي جان به ڏيندو آهي. ليڪن
…وءَ دوست جي جان وٺي ڇڏي. تنهن ڪري لڳي ٿو
…قدرت واري به اصلي گنهگار کي سزا ڏيارڻ جي
…سطي ئي، نٿورام کي تيستين زنده رکيو، "نمڪحرام
…و، تو هيءُ ڇا ڪيو؟" اهي نٿورام جا آخرين لفظ
…ا. انهن لفظن ئي ناروءَ کي سڄو سوٽو پڪڙايو.

اڄ ناروءَ جي شنوائيءَ جي تاريخ آهي. ڪورٽ
…ي ٻاهران هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. سڀئي ماڻهن
…و ئي ٻڌڻ ٿي چاهيو ته، "ڏسجي نارو پنهنجي
…فائيءَ ۾ ڇا ٿو چوي."

جج صاحب پنهنجي چيمبر مان ٻاهر نڪري، ڪورٽ
…داخل ٿيا ته. سڀئي جج صاحب جي عزت ۾ اٿي
…هن ٿا. جج صاحب جيئن ئي پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي
…ٺو، تيئن هر ڪو پنهنجي سيٽ تي ويهي رهيو.
…ي ڪيس هلي چڪا هئا تنهن ڪانپوءِ ئي ناروءَ جو
…و پڪاريو ويو. نارو جنهن وقت پڃري ۾ اچي بيٺو،
…هن وقت سندس نظرون جهڪيل هيون. سندس
…مهون گيتا آندي وئي. ناروءَ گيتا تي هٿ رکي
…م کاڌو ته جيڪي به چوندس سچ چوندس. جج

ڇا آهي؟"

اهو سوال ٻڌي نارو هراسجي ويو تنهن هوندي به همٿ ٻڌي چيائين ته "سائين هن ۾ ته گهر جو پراڻو سامان رکيل آهي."

"هن پيٽيءَ جي سرچ ڪئي اٿو؟" انسپيڪٽر سپاهين کان پڇيو.

"سر اسانجو ته پيٽيءَ ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ويو آهي."

"چڱو مٿي وڃي جاچ ڪري اچو. سپاهي مٿي چڙهيا. ناروءَ جو جڻ ته خون ئي سڪي ويو. هن سمجهو ته هاڻي مان سڄي زندگي آرام سان ويهي کائيندس. ليڪن قدرت واري ڪيس اهو ڪاڌو هضم ڪرڻ نه ڏنو. نٿورام جا سڀئي زيور ۽ روڪڙ ان پيٽيءَ مان ئي نڪتا.

مکيءَ کي ته جڻ وشواس ئي نٿي آيو ته، نٿورام جو قاتل سندس جگري دوست نارو ئي هوندو. انسپيڪٽر ناروءَ جي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ ڪمر ۾ رسي ٻڌي، ڪارو منهن ڪري، پنڌ شاهي بزار ۾ گهمايو. هشام ماڻهن جا هن جي پٺيان هئا. سڄي شهر ۾ خبر پئجي وئي ته نٿورام جو قاتل نارو ئي آهي. سڀني کي ناروءَ مان نفرت اچڻ لڳي ته ٿوريءَ لالچ جي

ڻ گنڀير ٿي ويو هو ۽ ناروءَ جو آواز پڻ ٿوري وقت
جي واسطي بند ٿي ويو. آنسون اُگهندي ناروءَ وري
چوڻ شروع ڪيو ته سرڪار، مونکي جڏهن به
پئسن جي ضرورت پوندي هئي ته نٿورام مونکي
ڏيندو هو. ڪڏهن به پئسن ڏيڻ کان انڪار نه ڪيائين.
ليڪن سندس ننڍي ڀاءُ منگت کي اها ڳالهه نه وڻندي
هئي. مگر مريادا جي خيال کان وڏي ڀاءُ کي ڪي وڌيڪ
چئي نه سگهندو هو. منگت چئن جي برابر سگهارو
مڙس آهي. هن جي هوندي ڪڏهين به سندن گهر
جي چوري نه ٿي هئي. هڪ ڏينهن نٿورام کيس
چيو ته ”منگت! امان ۽ بابا جي اِڇا آهي ته تيرٿ
ياترا ڪري اچون. هاڻي حياتيءَ تي ڀروسو به ڪونه
آهي. اُنهن کي به تيرٿ ياترا ڪرائي اچ ۽
پنهنجن ٻارڙن کي پڻ زال سميت ياترا ڪرائي اچ.“
منگت ياترا تي ويل هئو. نٿورام جي تجوڙي سون
چانديءَ ۽ نوٽن سان ڀريل هئي. منهنجي اندر ۾ پاپ
اچي واسو ڪيو. منگت جي هوندي، جگر نه ٿئي ها.
نٿورام ٻن ٻارن ۽ زال سميت هئو. سوچيو هوم ته روالور
ڏيکاري تجوڙيءَ جو بار ڪجهه هلڪو ڪري ايندس.
هيءُ روز روز ڀيکارين وانگر نٿورام کان پئسا گهرڻ
سو به ٺيڪ نٿو لڳي. اُن رات مون پاڻ کي اهڙي

صاحب ناروءَ کان ٻهريون اهو ئي سوال پڇيو، "فوتي
نٿورام ۽ سندس ڪٽنبين جو ڪنهن قتل ڪيو؟
تنهن جي توکي ڄاڻ آهي؟"

"مي ءِ لارڊ اهو گناهه مون کان ئي ٿي ويو آهي."

"تون پنهنجو هوش حواس سالم رکي ڳالهائين ٿو يا
نه؟" جج صاحب پڇيو.

"سرڪار مان سچ چئي رهيو آهيان." ناروءَ
جج صاحب ڏانهن نهاريندي چيو.

"قتل ڪرڻ جو ڪارڻ؟"

"حضور اها هڪ لنبي ڪهاڻي آهي. اجازت ڏيو
ته ٻڌايان."

جج صاحب کيس حقيقت ٻڌائڻ جي اجازت ڏني.

"سرڪار نٿورام منهنجو گهري ۾ گهرو دوست
هوندو هو. اسين هڪ ٻئي کان ڪابه ڳالهه ڪونه
لڪائيندا هئاسين. قرب وچان نٿورام هميشه ياڪر
پائي گڏبو هو. روزيءَ ڪمائڻ جو وقت ٿيندو هو، تڏهن
به روزيءَ ڪمائڻ کا سواءِ کين ڇڏيندو هو. سندس ٻارڙا
پڻ مونکي عزت ڏيندا هئا. سندس زال مونکي ڏير
سمان سمجهندي هئي. انهن چوندي ناروءَ جي
نيڻن ۾ نير ڀرجي آيو. کيس ان وقت ماضيءَ جون
ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. سڄيءَ ڪورٽ جو وايو منڊل

هنجي مٿان ڪو پوس سوار آهي . نه چاهيندي بـه
هنجي روالو ر جون گوليون ٿا، ٿا ڪري ٻاهر نڪرڻ
ـڳيون . سيني کي ڦٽڪند و ڏسي منهنجو هوش ئـي
م ئي ويو. مون هي ڇا ڪيو؟ پوء مان ڏاڍو پڇتائڻ
ـڳس . اچانڪ ٻبلـوء جـي منهن مان نڪتو، ”انڪل
اٽي“. مان ڊوڙي ٻاٽـي پري آيس . ليڪن پـکي
ـجري مان نڪري ويو. مون ٻبلوء جي لاش مٿان ڏاڍو
ڙنو هو. مونـکي ياد آيو ته جنهن ڏينهن ٻبلو ڄائو هـو
ـنهن ڏينهن مان کيس گود ۾ کڻي ڏاڍو نچيـو هوس .
ـٽو رام منهنجي مٿان ۽ ٻبلوء جـي مٿان نوٽ ٽـي
گهو ريا. منهنجي پيار جـي گود پـري هئي. تنهن ئـي
ٻبلوء جو قتل منهنجي هٿان...... ! ڀڳوان مون هي ڇا
ڪيو؟

جيڪا پاپي مونـکي گرم گرم روٽـي پنهنجن هٿڙن
سان تيار ڪري کارائيندي هئي تنهن کي ٻه مون ماري
وڌو!

وڇاري نياٽي ڪيڏي نه مساجهي هونـدي هئـي.
مونـکي پاڪر پائي ڪيڏو نه پيار ڪندي هئي. پنهنجن
ننڍڙن ننڍڙن هٿـڙن سان مونـکي ڪجهه نـه ڪجهه
کارائيندي رهندي هئي. اڄ هتيا ٻه منهنجي ئي هٿان
ٿي. منهنجو پيار ٻه منهنجي ئـي هٿان ڪسجي ويـو!

نموني ۾ ڪيو جو مونکي ڪير سڃاڻي نه سگهي. پڪي مان به صرف ٻه اکيون نظر ٿي آيون. آڌي رات جو وقت هو، روالور هٿ ۾ کڻي، اچي نٿورام جو دروازو کڙڪايم. نٿورام جي اکه کلي، "منگت آهين ڇا؟" ننڊاکڙين اکين سان هن اچي دروازو کوليو. مان کيس روالور ڏيکاري گهر جي اندر داخل ٿيس. روالور ڏسي نٿورام ڊڄي ويو. تجوري کولڻ جو کيس اِشارو ڪيم. هن چابي هڻي تجوريءَ جو دروازو کوليو. مون سون، چانديءَ ۽ نوٽن سان ٿيلهو ڀري ڇڏيو. مان پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيس. ليڪن پل ۾ ۾ ڇا ٿيڻو آهي، تنهنجي جاڻ ڪانه هيم. گهر جا سڀ ڀاتي جاڳي پيا هئا. هراسيل اکڙين سان مون ڏانهن نهارڻ لڳا. مان ڀويان پير ڪري هلڻ لڳس. اچانڪ مونکي ٿاٻو اچي ويو. مان ڪري پيس. منهنجو پٽڪو پڻ لهي ويو. نٿورام مونکي ڏسي وائڙو ٿي ويو. سندس منهن مان نڪتو "اڙي نارو تون! هيءُ ناٽڪ ڪرڻ ڪڏهن کان سکئين؟" اِئين چئي هن مونکي پنهنجن ٻانهن جو سهارو ڏيئي اچي اُٿاريو. "نارو، تو ته اسانجو ساهه ئي ڪڍي ڇڏيو هو." گهر جا سڀئي ڀاتي مون ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳا. شرافت جي به ڪا حد ٿيندي آهي. هن ويچارن کي کڙي خبر ته

ڇاهيو. جوش ۾ اچي گهر کان ٻاهر نڪتس. سڌو تلاءُ
ر وچي پهتو ڏٺم. مونکي خود پاڻ تان ئي عجب ٿيڻ
لڳو. مون مرڻ خاطر ئي تلاءُ ۾ ٽپو ڏنو هو، مگر ٽپي
ڻ کانپوءِ، مان جيئڻ خاطر تري رهيو هوس. ترندي
ر ندي اچي ڪناري جي ڏاڪڻ وٽ پهتس. ڪافي
ائيم تائين ويٺو رهيس. ڏٺم ته صبح ٿيڻ وارو آهي.
چانڪ مندر جو پوڄاري ڀڳوان جو نالو جپيندو
جپيندو، تلاءُ جي گهاٽ وٽ اچي سنان ڪرڻ
لڳو. پوڄاري ڪيترو نه خوش آهي. ڪيڏي نه
مانتي اٿس. مان سندس مشڪندڙ چهري مان ائين
حسوس ڪرڻ لڳس. هڪڙي حال ۾ مونکي ڀڳوان
ي نالي جپڻ جو به اڌيڪار ڪونه آهي. ڪهڙي
ٺهن سان ڀڳوان جو نالو جپيان؟ اُن وقت مان ائين
سمجهڻ لڳس ته مون کان سواءِ، هتي جو هرڪو انسان
نکي آهي. ڪيتري وقت تائين ائين سوچيندو رهيس.
ر آلن ڪپڙن سان ئي پنهنجي گهر موٽي آيس.
ن وقت گهر جا سڀئي ڀاتي جاڳي رهيا هئا. منهنجو
ال ڏسي سوالي نظرن سان، مون ڏانهن نهاريندا
هيا. مان سڌو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آلا ڪپڙا
د لاهڻ لڳس. "نيرن ڪٿي اچان؟" منهنجي ڌرمپتنيءَ
و نڪي چيو، "نه." مون صرف نه ۾ جواب ڏنو.
يلا ڇا نه پيئندا؟"

هن منهنجي واسطي ڇا نہ ڪيو ! اُنجي بدلي مان ڇا ڪري ويٺس! ٿوريءَ لالچ جي ڪري مان پنهنجي يار جو گهر برباد ڪري ويٺس .... ! لائين ڇڏي ڪنهڙي سان سر ٽڪرائڻ لڳو.

جج صاحب مان پنهنجي يار جي لاش مٿان ڪري پيو هوس. مون پنهنجو بہ انت آڻڻ ٿي چاهيو. رِوالور ڪٺي سر جي مٿان رکيم. صرف گولي هلائڻ جي دير هئي. مگر اندر ۾ ويٺل پاپ مونکي ائين ڪرڻ نہ ڏنو. پوءِ تہ مان پنهنجي جان بچائي گهر کان ٻاهر نڪتس. ٻاهريون دروازو ٻيڪڙي تيز قدمن سان هلندو رهيس. هلندي هلندي اچي پنهنجي گهر پهتس. گهر وارا سڀ گهريءَ ننڊ ۾ سمهيا پيا هئا. هنن کي ڪهڙي خبر تہ مان ڪهڙو خطرناڪ ڪم ڪري آيو آهيان. ٿيلهو ٻچڙيءَ ۾ لڪائي مان بہ وڃي پنهنجي بستري تي سمهيس. مگر نيڻن ۾ ننڊ ڪٿي !

"اَنڪل پاٽي." ٻيلوءَ جا ساڳيا بہ اکر، مونکي بار بار ٽڙ قائيمدا ٿي رهيا. تنهن ڪري منهنجي نيڻن مان نير وهندو ٿي رهيو. ڇا منهنجي زندگي هاڻي هن طرح ڪٽبي ! اُن وقت منهنجو سڄو سريرُ ڏکي رهيو هو. مونکي خود پاڻ تان ٿي نفرت اچڻ لڳي. هن جيئڻ کان تہ موت بهتر آهي. مان اُن وقت مرڻ تي

”جج صاحب مان خوني آهيان، مان قاتل آهيان.
نکي ڦاسيءَ جي سزا ڏيو. بس، مونکي هيئر
ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي.“

اهو بيان ٻڌي، سڄيءَ ڪورٽ ۾ سناٽو ڇانئجي
و. ڪٽهڙي ۾ بيٺل نارو، مڇيءَ وانگر تڙڦندو ٿي
هيو. باقي جج صاحب کي فتوا ڏيڻي هئي. جج
احب فتوا ڏيندي چيو ته، ”جوابدار ناروءَ جيڪو
اه ڪيو آهي، تنهن گناه لاءِ جوابدار کي ڦاسيءَ جي
ا ڏيڻ، گهٽ سزا آهي. تنهن ڪري مان جوابدار
، جنم ٽيپ جي سزا ٿو ڏيان ته جيئن جوابدار ڪيل
اه جي آگ ۾، ساري زندگي جلندو رهي.“

اها ججمينٽ ڏيئي جج صاحب، ڪورٽ مان اٿي
هنجي چيمبر ۾ هليو ويو.

اها ججمينٽ ٻڌي نارو زار زار روئندو رهيو. پوليس
ا آيا، ناروءَ کي هٿڪڙيون هڻي پاڻ سان گڏ وٺي
ــا. زندگيءَ ڀر روئڻ لاءِ.

——

"مونکي ڪجهه نه گهرجي." ٻانهن کان پڪڙي
کيس پنهنجي ڪمري مان ٻاهر ڪڍيم. مان جوش ۾
سهڪندو سهڪندو پنهنجي بستري تي اچي سمهيس.
"انڪل پاڻي." ٻبلوءَ جي صورت منهنجي اکين جي
سامهون اچي بيٺي. "ٻبلو مان بدنصيب توکي پاڻيءَ
جا ٻه ڍڪ به پياري نه سگهيس. مونکي معاف ڪج
ٻبلو، مونکي معاف ڪج. رائين ڇڏي مان زار زار روئڻ
لڳس، ڇلائڻ لڳس. ايتري قدر جو مان زور زور
سان واڪا پڙ ڪرڻ لڳس. منهنجي ماءُ ڊوڙندي
اندر آئي. "نارو پٽ ڇو ٿو روئين؟ ڪهڙي تڪليف
آٿيئي!!" هن منهنجي مٿي تي هٿڙو گهمائيندي
چيو.

آمان، آمان، ڇڏي مان سندس گود ۾ ڪري پيس.
منهنجي نيڻن مان نير وهڻ لڳو. آمان مونکي ڪٺي
پنهنجي سيني سان لڳايو.
"نارو، ڇا پنهنجي دل جو حال ماءُ کي به نه
ٻڌائيندين!"

مان پنهنجي ماءُ سان سچي حقيقت ڪرڻ وارو ئي
هوس ته، هڪ ڪاري ٻلي اچي اڳڻ ۾ بيٺي. ڪاري
ٻليءَ کي ڏسي منهنجي ڇاتي ڇڄي پيئي. اچانڪ اُن
وقت مکي صاحب جو سڏ ٿيو.

مونا جي رهڻي ڪهڻي، کاڌو پيتو، پهـراڻ سڀ
يشي. ماءُ کان بلڪل اُبتڙ.

سندريءَ کي به بس هڪ ئي چنتا هئي ڌيءُ جي
اديءَ جي.

اجوڪي پوسٽ جي لفافن ۾ هڪ لفافو امريڪا مان
و آهي. اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي. سندريءَ جا
ڙ ياڄاڻون امريڪا ۾ ئي رهندا آهن ۽ سندريءَ انهن
ي مونا جي رشتي لاءِ ڇوڪرو ڳولهڻ جي ڪوشش
ڻ ڪئي آهي. پهريان سندريءَ اهو لفافو کوليو. چٺي
هندي ئي هن جي چال ۾ ڦرڻي اچي وئي. ليڪن
و ته دنيش هندستان ۾ شاديءَ لاءِ ڇوڪريون ڏسڻ
چي رهيو آهي. توهان وٽ اچي لهندو. مونا لاءِ دنيش
مام سٺو ساٿي ثابت ٿيندو جو هو پئسي ۽ تعليم ۾ تمام
ڙهيل آهي.

ليڪن هو ته هن جي ڪلي دل سان آءُ ڀڳت ڪجو
ڪم نهي وڃي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته مونا کي
و ضرور پسند ڪندو.

سندريءَ ٻن ٽن ڏينهن جي موڪل ورتي ۽ گهر
ي ڏاهه نوهه ۾ لڳي وئي. ڏينهون ڏينهن گهر جا پڙدا
ٽيا ويا، نوان ۽ قيمتي پڙدا لڳايا ويا. ميزن جا ميزپوش
گلدستا پڻ مٽيا ويا. پلنگن تي جهاليدار چادرون وڇايون

سچو جيون ساٿي

ڪاليج جي پروفيسر سندري ڪلڪتي جي هڪ عاليشان بنگلي ۾ پنهنجي ڌيءُ مونا سان رهندي آهي. عمر گذري اٿس پر هن تي وديشي نشو نه چڙهيو آهي. هندستاني ساڙهي ۽ سادو سودو جوڙو هن جي سادگي ۽ ڀارتيه سنسڪرتيءَ جي ساک ڏيئي رهيا آهن.

ڪنهن وقت ۾ سندريءَ جو پتي نامي گرامي واپارين مان هڪ هو پر ٻه سال اڳ هارٽ اٽيڪ ۾ ويندو رهيو. پئسو ته ستن پيڙهين لاءِ ڇڏي ويو آهي، پر پئسو انسان جي پورائي ته نٿو ڪري سگهي.

سندريءَ جي ڌيءُ جو نالو آهي مونيڪا پر پيار سان سڀ چونس مونا. ڪافي حسين، پڙهيل ڳڙهيل ۽ ماڊرن آهي پر وديشي تهذيب جي حامي آهي. سندريءَ گهڻيئي چاهيو ته مونا کي هندستاني تهذيب ۾ ڍالي رکان پر مونا کي ته پوري سنڌي به ڪونه اچي. ڀلا ڄمڻ کان انگريزي اسڪول ۾ تعليم وٺڻ سبب انگريزي ئي هن جي ماتر ڀاشا ٿي وئي. لٽريچر ۾ ئي بي اي. ڪري هاڻي ايم. اي. به انگريزيءَ ۾ ئي ڪري رهي آهي.

اُنيتا ته مونا کان بلڪل اڻبڻ هئي. هن کي ٻنهجي
ڙ پاشا ڳالهائڻ ۾ شرم نه ايندو هو. ڪٽ وار هن
پسند نه هئا لن ڪري گهاٽا ۽ لنبا ڪارا وار
ڙنيءَ جي روپ ۾ چيلهه تي جهولي رهيا هئا. سنهڙا
ڪپڙا هن کي پسند نه هئا جن مان انگ پڌرشن ٿئي.
ن کي هندستاني ڊريس ڪڙتو ۽ ساڙهي ٿي پسند
ڻا. ڪاڌن ۾ هوءَ هندستاني ڪاڌا سٺا ۽ سوادي ٺاهڻ
اڻندي هئي ۽ رسوئيءَ ۾ ڪم ڪرڻ هن جي 'هابي'
ئي. سپاؤ جي مٽر ۽ ڪم جي قدرس هئڻ ڪري ٿي
ندريءَ هن کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو.

د نيش کي وٺي جڏهن ڪار بنگلي ۾ داخل ٿي ته
نيتا نمستي ڪري د نيش جو سواگت ڪيو. اُن وقت
ڪ هلڪي مسڪان هن جي مکه تي هئي ۽ هڪ
ري سُلڀ شرم جي سُرخائي اکين ۾ هئس. ڳالهائڻ
اڪيءَ کان مٺو ۽ هندستاني ناريءَ جي لهڪ وارو
وس.

حال چال وٺڻ کان پوءِ ناشتي جو دؤر شروع ٿيو.
نيتا د نيش لاءِ ديسي ۽ ولايتي ٻنهي طرحن جي
اشتي جي تياري ڪرائي هئي. هڪ پاسي مڪائيءَ
جو ڍوڍو، ساڳي گيهه جي خوشبوءِ وارو ۽ ڏهي، ٻئي
پاسي ميٽ، برڊ ۽ ٽوسٽ لس.

ويون. ديوارن تي وڏيون شاهي پينٽنگس لڳايون ويون. غاليچن کي به ويڪيوم ڪلينر سان صاف ڪرائي چمڪايو ويو. شيشي جي الماري ۾ شو پيس چمڪائي رکيا ويا. مطلب ته گهر جي ڪايا پلٽ ڪئي وئي پئي ڏسڻ ۾.

گهر ۾ رسوئي ناهڻ لاءِ نوڪرياڻي ته هئي پر سٺا طعام ناهڻ لاءِ هوشيار ڪڪ جو به بندوبست ڪيو ويو. سڀ ڪم ڦڙتيءَ سان ٿي ويو.

صبوح جي فلائيٽ ۾ دنيش لهندو. ڪار جي به صاف صفائي ڪري چمڪايو ويو.

مونا جي خوشيءَ جو ته پار ئي نه هو. هن جي دل ۾ ته سندر سپنن جيڪو گهر ڪيو هو سي سچ ٿيندا ٿي نظر آيا.

ان ۾ شڪ نه هو ته مونا حسين، نازڪ ۽ ماڊرن هئي. هن پنهنجا وار هيڪارڻ بواءِ ڪٽ ڪرايا ۽ اسڪرٽ بلائوز پائي دنيش کي وٺڻ ماءُ سان ائروڊرام تي وئي. هن هلڪو ميڪ اپ ڪيو هو پر لپسٽڪ گهري لڳل هئس جيئن دنيش کي گهڻو لڀائي سگهي.

ان وچ ۾ سندريءَ پنهنجي ڀيڻ جي ڌيءُ انيتا کي جيڪا مونا سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي گهرائي ورتو. جيئن ته ڪم ڪار ۾ مدد ملي سگهي.

س سان ٿي پيار آهي. هن هڪ سنجيدو فلمي گيت
يو. مونا انگلش گيت ڳايو. انيتا کي دنيش پڻ
ڻ جي فرمائش ڪئي. هن ميرا جو پڻ ڏاڍي سريلي
ر ۾ ڳايو. دنيش هن کي تمام ساراهيو.

شام جو سڀ فلم ڏسڻ ويا. دنيش هندستاني فلم
سڻ پسند ڪئي. مونا کي نه وڻيو پر من ماري سڄي
ار ويٺو پيس. انيتا پڪچر انجام ڪئي. گهر اچي
ئي کائي سڀ ڳالهڻ ڪري ويا. رستي تي دنيش
يو، "هندستان ۾ ناريءَ پنهنجي اها جڳهه نه ناهي
هي، جيتري ٻاهرين ۾ انهن ناهي آهي."

ان تي انيتا چيو، "مان نٿي مڃان. هتان جا طور
ريقا ٻيا آهن پر سٺا آهن. اتي ناري ڪيتري بـ
رو رب تي وڃي پر فيملي لائيف انجام نٿي ڪري.
اٺون ڪٽنب کي پڻ ڪونهي. روز طلاق ۽ فئشن
ي دور ۾ ناري ٿي ته برباد ٿي آهي."

دنيش چيو، "تنهنجو سوچڻ ڪنهن حد تائين ٺيڪ
هي پر هندستاني پرش جي نظر ۾ ناري اتي به
وجهه آهي بشرطيڪ ناري به هندستاني سوچ اختيار
ڪري."

انيتا - "اتي جي هوا ئي اهڙي آهي جو ناريءَ
ي سوچڻ جو طريقو مٽجي ٿو وڃي. اتي دوست نه ملاءِ

دنيش ته ڏهي ٻيو ڏسي هڪدم ڪائونٽر کي جهلي ويو ۽ پوءِ اُن ڪاڏي جي ساراهه ڪندي چيائين - "واهه ڇا ڪاڏو آهي پائي ڪنهن ٺاهيو آهي؟ دل ٿي ڪري اُن جا هٿ چمي وٺجن." هن سنڌيءَ ۾ چيو. انيتا جا نيڻ شرم کان جهڪي ويا ۽ ڳلن تي شرم جي لالي ڇانئجي وئي.

هاڻي ناشتي کان پوءِ گهمڻ ۽ شاپنگ. جو پروگرام رکيو ويو. مونا وري فئشنيبل ماڊرن ڊريس پاتي ۽ گهڻو ميڪ اپ ڪيائين. انيتا سمپل ڪپڙن ۽ ميڪ اپ ۾ هئي ته به من موهيندڙ ٿي لڳي. شاپنگ دنيش کي پنهنجي پيسن پائڻ لاءِ ڪرڻي هئي. اُتي انڊين ڊريسون ۽ سوکڙيون پسند ڪيون وينديون آهن جيئن اسين هتي وديشي ڪپڙن ۽ سوکڙين کي پسند ڪندا آهيون.

دنيش ڏنو ته هن جي ۽ انيتا جي پسند ميل پئي کائي، مونا جي پسند ۾ وديشي جهلڪ وڌيڪ هئي.

لنچ ٽائيم اچي گهر پهتا. روٽي ٽيبل تي تيار هئي. سرهن جو ساڳ، آلوءَ جا پراٺا، مٽر پنير جي ڀاڄي، ڪوفتا ۽ نان وغيره به هو. پر دنيش هندستاني کاڌو دل سان کاڌو.

کاڌي کان پوءِ ميوزڪ جي واري آئي. ڪير ڇا جاڻي، سوني ڳائي. دنيش کي پراڻن گانن ۽ انڊين

ڪاڙهي ڪرڻ چاهيندي هئي. هيڪاري ڪاڏهي مان
ص ڪيڏي ڪُڪ ڪي پئي جهاڙيندي هئي ته هن
هيءَ ڪمي آهي. هن ۾ غرور هو ۽ نڪ تــي
دا غصي جي جهلڪ نظر ايندي هئي. جڏهن ڪ
نيتا جي ڇهري تي سدا هڪ قدرتي مسڪان پئــي
ن جو ڇهرو ٻهڪائيندي هئي.

مونا کي نه ساڙهي پائڻ ايندي هئي نه پسند هئي.
ڏو گڏ ميرا ڪبير هئي، رام جـو آدرش رامائڻ ۾
ڪهڙو آهي يا ڪرشن گيتا ۾ ڪهڙو اُپديش ڏنـو
هي؟ لن باري ۾ ڪابه ڄاڻ نه هئي نه ئي ڪڏهن
ن ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي ڪئي هئي. جڏهن ڪ
نيتا خالي وقت ۾ ڌرمي پستڪ چاهه سان پڙهــي
ڻهن جا آدرش پاڻ تي لاڳو ڪندي هئي. هن کي
ڙهڻ جو چاهه هو. مونا کي گهمڻ ۽ اوچي اُڏڻ جو
چاهه هو پر انيتا هن ڌرتيءَ تي رهي ئي سچائيءَ
ي زندگيءَ کي جيئڻ جي چاهه رکندي هئي.

سندريءَ پڻ ڀارتيه سنسڪرتيءَ جــي حامي هئڻ
ـب دنيش جي دل کي کيڇي ورتو هو. پر مونا
نيش جي دل تي ڪوبه اثر نه ڇڏي سگهي.

مونا پندرهن ڏينهن ۾ 45 وڳا مٽيا هوندا ۽ دنيش
ي طرح سان پاڻ ڏانهن کيڇڻ جي ڪوشش

۽ اُن ناريءَ کي ڏکيائوس چوندا. پوءِ ناريءَ جو ان ۾ ڪهڙو ڏوهه؟ چوندا آهن جهڙو ديش تهڙو ويس، جهڙو اَن تهڙو مَن. پوءِ ناريءَ ۾ هندستاني تهذيب رهي ڪٿان؟ مان ته اهڙي ناري يا پرش جي آزاديءَ جي خلاف آهيان جنهن سان فئملي ٽٽي ٿي، پريم نه رهي ۽ بزرگن کي ته ڪير پسند ئي نه ڪري."

وچ ۾ سندريءَ ٽوڪين، "رات جا ٻارهان لڳا آهن هاڻي آرامي ٿيو."

سڀ پنهنجي پنهنجي بستري تي آرامي ٿيا.

ديش هڪ هفتي لاءِ آيو هو پر 15 ڏينهن رهي پيو. انهيءَ 15 ڏينهن ۾ هن مونا ۽ انيتا ۾ وديشي ۽ ديشيءَ جي جهلڪ ڏٺي.

مونا رنگين تتليءَ وانگر هئي. هوءَ سرير جي انگن جو پردرشن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندي هئي. پنهنجي سندرتا جو پورو پردرشن ڪندي هئي. جڏهن ڪ انيتا جي چُني جي ڪڏهن ڪلهي تان کسڪي ويندي هئي ته هوءَ پشيمان ٿي چُني پاسي ڏسندي هئي ته ڪنهن ڏٺو ته ڪونه؟

ڪاڏا ۾ هندستاني سوادي ناهي چاهه سان هوءَ ديش کي ڪارائيندي هئي. مونا ته هڪ ڪوپ چانهه

زيور چاهه سان پائي. هندستاني ڪاڏا ناهڻ ۾ ماهر هجي ۽ هندستاني پتنيءَ وانگر پتيءَ کي ديوتا نه به مڃي ته برابر جو ساٿي ضرور مڃي. هوءَ وڏن جي عزت ڪري ۽ گڏيل ڪٽنب ۾ رهي سگهي. سپنن جي دنيا ۾ نه رهي ڌرتيءَ تي رهڻ واري هجي ۽ هن کي هندو ڌرم جي آدرش تي هلڻ لاءِ ڌرمي ڪتابن جو گيان هجي.

توهان پنهنجي سپتريءَ ۾ مٿين ڳڻن مان ڪو به ڳڻ نه ڏسندا. توهان ۾ ته هندستاني تهذيب جي پيار آهي پر مونا ته ديش ۾ رهي به وديشي ٿي وئي آهي. ان ڪري مونا کي جيون ساٿي ناهڻ ۾ مان اسمرٿ آهيان. مونکي ان جو دک آهي.

مونکي ڪپي سادگي ۽ هندو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ جيڪا توهان جي پيڙ جي ڌيءَ انيتا ۾ آهي. جيڪر انيتا منهنجي جيون ساٿي ٿيڻ قبول ڪري ۽ 'ها' ڪري ته منهنجو هندستان اچڻ سڦلو سمجهندس. مونکي اهڙي ئي سچي جيون ساٿيءَ جي ضرورت آهي. گهٽ وڌائيءَ لاءِ مونکي معاف ڪندا.

پيارن مان

دنيش

ڪئي. پر دنيش اُنهن ڇوڪرن مان نه هو ته هو اهو ظاهر ڪري ته مونا هن کي پسند نه آهي. هن جي وهنوار ۾ شاليينتا هئي. هو گنڀير هو جو معاملو جيون ساٿيءَ جو ۽ سڄي عمر جي نڀاءُ جو هو.

آخر دنيش جي وچن جو ڏينهن به اچي سهڙيو. مونا ۽ سندريءَ کي دنيش جي 'ها' جو انتظار آهي. پر دنيش مؤن آهي. ڪار اُئروڊروم تي به اچي پهتي آهي. پنهي جون نظرون دنيش جي 'ها' يا 'نه' جي هڪ جهلڪ لاءِ هن جي منهن تي ڪتل آهن. پر دنيش ڌير، گنڀير لڳو پيو آهي.

هوائي جهاز اُڏامڻ تائين به هو ڪو جواب نه ٿو ڏئي ۽ هليو ٿو وڃي.

پندرهن ڏينهن کان پوءِ سندريءَ جي هٿ ۾ هڪ لفافو ٿو ملي. لکيل هو :—

ڀيڻ آنٽي،

مان هندستان ۾ جيون ساٿيءَ جي تلاش ۾ انگريز آيس جو مونکي هندستاني تهذيب واري ڇوڪريءَ جي تلاش هئي. ماڊرن ۽ ويسٽرن رنگ ۾ پلُل تتليون ته مونکي هتي به گهڻيئي تي ملي سگهيون پر مونکي ڪپي هڪ هندستاني ناري جنهن ۾ ناريءَ جي شرم حياءُ جو گهڻو هجي. هوءَ هندستاني ڪپڙا ۽

پڪچر ڏسڻ ٿا وڃون، نوڻن ٻجي اچي وينداسين توهان
خيال نه ڪجو."

پر پنڪي لوڻ ڏئي ٻاهر نڪري وئي.

پنڪيءَ جي لاءِ سندر، موهيندڙ روپ تي ئي رتن
فدا ٿي ويو هو. پنڪي ننڍپڻ کان گلاب جي رنگت
واري هئي لاءِ ڪري ئي هن جو نالو پنڪي ئي رکيو
ويو هو. هاڻي شادي ڪئي سال کن مس ٿيو اٿن.
هونئن ته رتن به ٺاهوڪو جوان آهي، انجنيئر آهي
پر هن جو گهر ۽ اُن جا سڀ ڀاتي سادا سودا آهن.
هنن کي ٺٺ ٺونڊا اچن ئي ڪونه.

رتن جو پيءُ به انجنيئر هو، پر هو ايماندار ۽
محنت ڪش. ڪڏهن به رشوت نه ورتائين لاءِ ڪري
عاليشان محل نه اَڏائي سگهيو. هن جي پٽ ۾ به اُهي
ئي گڻ شامل آهن.

پنڪي خاصي امير گهراڻي مان آئي آهي. شروع
کان ڪانوينٽ جي هاسٽل ۾ رهي گريجوئيٽ ٿي
آهي. هيڏانهن امتحان ڏنائين هوڏانهن شادي ٿي
وئي.

شاديءَ جا ڇهه اٺ مهينا ته هني مون، سئر سپاٽن
۾ ئي نڪري ويا. پر پوءِ رتن کي خبر پئي ته پنڪي
ته تئي تي ڦلڪو وجهڻ به ڪونه ڄاڻي. مشين سان ڦاٽل

پيار جو احساس

آفيس مان موٽندي ئي رتن پنڪيءَ کي چيو - ”ڊارلنگ! اڄ پڪچر جون ٽڪيٽون وٺي آيو آهيان، تون جلدي چانهه پي تيار ٿي. ڇهين بجي گهران نڪرڻو آهي.

پنڪيءَ کي تيار ٿيڻ ۾ پورو ڪلاڪ لڳو. جڏهن هوءَ تيار ٿي رتن جي سامهون اچي بيٺي ته هو کيس ڏسندو ئي رهيو. کيس لڳو ڄڻ ڪا حور اندر لوڪ مان هن پرٿويءَ تي لهي آئي آهي.

هن جو چندرما سمان چهرو، هرڻيءَ جهڙا نماڻا نيڻ، گلاب جي گلن تان ورتل ڳلن تي لالي، چپ لپسٽڪ سان ڳاڙها ٿيل ۽ هن جو ستارن سان ڳاڙها ٿيل ۽ هن جو ستارن سان سجيل نيري ساڙهيءَ ۾ سينگاريل سونهري سرير.

رتن سندس حسن کي ٽڪ ٽڪ ڏسندو ئي رهيو. پوءِ هن جي ڪلهي تي هٿ رکي هلڻ جو اشارو ڪندو ڪمري کان ٻاهر نڪتو. رتن جي ماءُ در تـــي ڇڏڻ آئي. رتن ماءُ کي پيري پئي چيو - ”ممي! اسين

ڏينهن رتن آفيس مان آيو تہ ڏسي ٻنڪي ڪمري ۾ ڪوانهي. هو پنهنجي ماءُ جي ڪمري ۾ ويو تہ ماڻس اُتي رسوئيءَ ۾ آئي. چانهہ جا ٻہ ڪوپ ٺاهي هڪ رتن کي ڏنائين ٻيو پاڻ کڻي پيڻ ويٺي.

رتن پڇيس - "ممي! ٻنڪي ڪيڏانهن وئي آهي؟"

ممي سهج سڀاءَ چيس، "هوءَ تہ صبوح کان نڪتي آهي، ٻڌائي تہ وڃي ڪونہ."

رتن جي ماءُ جي آواز ۾ هڪ درد ۽ نراسا هئي.

رتن ڇتائي ماءُ جي منهن ڏانهن نهاريو تہ منهن ڪومايل ۽ اکيون ڳريون ڏسي ڊڄي ويو. ڇتائي ڏسي تہ چهرو زرد لڳو پيو اٿس. ماءُ جي مٿي تي هٿ رکندي چيائين، "ممي ڇا توهان جي تبيعت ٺيڪ ڪونهي؟"

ميءَ چيو - "نہ نہ مان تہ بلڪل ٺيڪ آهيان."

رتن چيو - "ممي! توهان کي تہ مچ بخار لڳو پيو آهي. اهڙي ۾ توها گهر جو سڄو ڪم پيا ڪيو. ٻنڪي ٻہ توهان کي اڪيلو ڇڏي وئي آهي؟"

ميءَ چيو - "اِه نہ مان ڪا گوري وٺندس تہ ٺيڪ ٿي ويندس. چنتا جي ڪا ڳالهہ ڪونهي."

رتن ماءُ کي ٻانهن کان وٺي سندس ڪمري ڏانهن وٺي وڃي بستري تي ليٽايو. پاڻ ڊاڪٽر کي وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويو.

جو ٻوڙو ڏيڻ تہ ٿيو پر ھٿ سان بہ ٻوڙو ھڻڻ ڪونہ اچيس.

جدا آھن شاديءَ وقت تہ ڇم ڏنو ويندو آھي پر پوءِ ڏنو ويندو آھي ڪم.

گھر ۾ ٻنھي ٻنڌڻ سڀ اڄان رتن جي ٻيڏي ماءُ سنڀالي. پنڪيءَ کي بس صبوح کان وٺي شام تائين سينگار، ڏينھن ۾ ٽي وڳا مٽڻ، انگريزي مگزنن ۽ ناول پڙھڻ، انگلش گانن جي ٽيپ وڄائڻ مان ئي فرصت ڪونہ ملندي ھئي.

رتن جي آفيس وڃڻ کان پوءِ يا تہ ھوءَ ڪو ناول کڻي پنھنجي ڪمري ۾ بند ٿي ويھي رھندي ھئي يا سئر سپاٽي ۽ شاپنگ لاءِ نڪري ويندي ھئي. روٽي کائي منجھند جو آرام سان سمھي پوندي ھئي ۽ شام جو وري رتن سان سئر، پڪچر، پارڪ، ڪلب يا شاپنگ جي چڪر تي نڪري ويندي ھئي.

رتن جي ماءُ وقت تي روٽي ٽيبل تي لڳائي پوءِ نونھن کي سڏ ڪري تہ ھوءَ روٽي پيار سان اچي کائي. پنڪي کائي وري ڪمري ڏانھن رخ ڪري. نڪو گھر گرھستيءَ جي چنتا نڪو ڪنھن جي دک سک جو خيال.

پر سڀ ڏينھن بہ ھڪ جھڙا نہ ٿيندا آھن. اُن

رتن هوٽل تان ٽفن ۾ روٽي وٺي آيو، تڏهن ٻنهي
ڏي.

رتن سڄي رات ماءُ جي پلنگ وٽ ڪرسي وجهي
ويٺو رهيو. هر ڇهن ڪلاڪن تي ڪيپسول ڏيندو
رهيو. سڄي رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيائين. پر پنڪي
ڙڏو به نه آئي.

چار ڏينهن رتن جاڳي ڪاٽيا. پنجين ڏينهن هن
پنهنجي پرٽيل پٽڻ کي تار ڪري گهرائي ورتو. ڀلا هو
ڪيلو گهڻا ڏينهن جاڳي؟ ۽ آفيس مان موڪل وٺي؟

آشا اچي گهر ۽ ماءُ جي ذميواري سنڀالي تڏهن
رتن ٿڌو ساهه کنيو.

قدرت اهڙي جو ڪم ڪندڙ نوڪرياڻيءَ کي به
بيمار ٿيڻو هو. پر آشا بلڪل دل نه لاٿي.
هوءَ تمام ڦڙتيلي ۽ هر ڪم ۾ هوشيار هئي. باسڻ ملڻ
کان وٺي جهاڙو پوچو ڪرڻ ۽ مريض جي سار سنڀال سان
گڏ روٽي ٺاهڻ ۾ به هٻڪ نه ڪيائين. ڪم ڪار کان
سواءِ به هن ۾ ٻيا گڻ به تمام هئا. هوءَ تمام گهٽ
ڳالهائيندڙ، ملنسار ۽ سڀني جو من موهيندڙ هئي. هن کي
خبر هئي ته پنڪيءَ کي رسوئي گهر کان پرهيز آهي،
ان ڪري اڪيلي هوءَ به ماءُ وانگر ڪم ۾ لڳي پئي
هوندي هئي. آشا خود ڪانوينٽ ايجوڪيٽيڊ هئي ۽

ڊاڪٽر اچي چڪاس ڪئي. چيائين - "بخار تہ ڪافي ڏينهن کان ٿو لڳي ۽ هاڻي ٽائيفائڊ جو روپ اچي ورتو اٿائين. مريض کي آرام جي تمام گهڻي ضرورت آهي." ان وچ ۾ تہ رتن جي ماءُ جي حالت هيڪاري خراب ٿي وئي، بخار وڌڻ ڪري بيهوشيءَ جي حالت اچي ٿيس.

ڊاڪٽر دوائون لکي هليو ويو.

پنڪي لڏندي لمندي هٿن ۾ ڪيچ بنڊل سنڀاليندي 8 بجي رات جو گهر پهتي. سڌي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ڪپڙا مٽائي انگريزي گانن جي ٽيپ لڳائي پڙهڻ لڳي.

رتن دوائون وٺي موٽيو تہ سڌو ماءُ جي ڪمري ۾ هليو ويو. جڏهن پندرهن منٽن ٿيائين بہ ڪو نہ نڪتو تہ پنڪيءَ کي عجب لڳو، هو تہ سڌو سڌ ڪندو پنڪيءَ وٽ ايندو آهي، اڄ ڇو دير لڳائي اٿس؟ سوچيندي هوءَ سس جي ڪمري ۾ هلي وئي. ڏسي تہ هوءَ بستري تي ليٽي پئي آهي.

پنڪيءَ رتن کان پڇيو - "ڇا بخار ٿي پيو اٿن؟"

رتن چيو - "ها."

پنڪي ايترو ٻڌي بہ اتي ترسي ڪو نہ ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.

جيڪر تنهنجي ماءُ بيمار ٿئي ته ڇا تون هن جي
وا نه ڪندين؟ ته پوءِ سس جي شيوا ڪرڻ ۾
هڙو اهم آهي؟”

هن بي رخيءَ سان رتن کي جواب ڏنو- ”اسان
ب گهر ۾ ايترا نوڪر نوڪرياڻيون آهن جو اسان
ي ته ڪڏهن ڪم کي هٿ لائڻ جي ضرورت ئي
ڪونه پوي. بيمار جي سار سنڀال به اهي ئي لهن
نڪان ته راس جو جاڳڻ ٿئي ئي ڪونه.

رتن مٺو ٿي رهجي ويو.

هڪ صبوح آفيس وڃڻ لاءِ جيئن ڪٽي شرٽ پائي
ڏسي سڄو ڪالهو اڌڙيو پيو آهي.

مجبور ٿي ٻي شرٽ ڪڍيائين ته ان جو ڪيسو اڌڙيو
و هئو. ٽينءَ جي پريس خراب ٿي وئي هئي. تڏهن
ڙ ڪري چيائين- ”پنڪي! تون سڄو ڏينهن ويٺي
هين پر هڪ ٽوپو نه ٿي ڏئي سگهين؟

پنڪي تڪرار جي موڊ ۾ ڇوڙڻ لڳي- ”نه، مولڪي
ڪونه اچي ٽوپو ڏيڻ، جيڪر توهان کي گهر جو ئي
ڪم ڪرائڻو هو ۽ ٽوپا ڏيارڻا هئا ته مون جهڙي
ڪانوينٽ ايجوڪيٽڊ ڇوڪريءَ سان شادي نه ڪيو
ان، ڪنهن اڻ پڙهيل سان شادي ڪيو هان.”

ائين چئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ٿوري

انگلش ميڊيم سان گريجيوئيٽ هئي پر هن کي ان ڳالهه جو گهمنڊ نه هو.

صبوح ٽيندي چانهه ٺاهي - "چانهه گرم - چانهه گرم" جا هوڪا ڏيندي ياءُ ياجائيءَ کي ڪمري ۾ چانهه ڏئي ايندي هئي.

وري نوين بجي ناشتو ٽيبل تي تيار ڪري چوندي هئي - "اچو پر يوءَ جا پيارا ناشتو اچي ڪيو."

منجهند جو نه نڙاڪ ياجائي پئي روٽيءَ جي ٽيبل تي هوندا هئا.

آشا ماءُ لاءِ ڪڏهن موسميءَ جو جوس ڪيندي ته ڪڏهن ٽماٽي جو سوپ ٺاهيندي، ڪڏهن دوا ڏيندي ڪڏهن پاڻي او ٻاري ٺاري ماءُ لاءِ چاڻي رکندي نظر ايندي هئي. پر هن جي پيشانيءَ تي گهنج به نه هو. راس به هوءَ ماءُ جي شيوا ۾ جاڳي گذاريندي هئي ته به هر وقت گلاب جي گل وانگر پئي ٽڙندي هئي. ڪڏهن ڪو قصو ته ڪڏهن ياجائيءَ کي چهچٽو بڌائي پئي کلائيندي هئي.

آخر آشا جي شيوائن رنگ ڪيو. سندس ماءُ جو بخار لهي ويو پر هوءَ بيحد ڪمزور ٿي وئي هئي.

رتن پنڪيءَ جي ايڏي بيرخي ڏسي اچ ڪلهه من ئي من ۾ هن کان خفا رهڻ لڳو هو. هن چيس -

پنڪي پاڻ کي ٺيڪ ٿي سمجهي. اک کڻي نهاري ته هڪ پاسي رتن ۽ ٻئي پاسي آشا هن جي اک کلڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. رتن جي ڏاڙهي وڌيل ۽ منهن چنتا سان پيلو لڳو پيو آهي. آشا به اُڪل ۽ غمگين ٿي لڳي.

پنڪيءَ کي جاڳندو ڏسي آشا کلندي چيو – ”ته پوءِ اچي چانهه گرم ؟“

چانهه پيئندي پنڪيءَ جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، ”ڊيڊي مونکي معاف ڪندا.“ رتن ڏانهن به پاڇنا پري نگاهن سان نهارڻ لڳي. چيائين – ”برابر آهي ته دک ۾ پنهنجن جي پيار جو اسپرش اڌ دک دور ٿو ڪري ڇڏي. اُن پيار جي اسپرش سان ڪيڏو نه آساس ٿو اچي. او ترو نوڪرن سان ڪٿي ايندو؟“

اينتري ۾ مسٽس کير جو گلاس کڻي آئي – ”هان پٽ کير پيءُ.“ چئي هن جي مٿي تي پيار جو هٿڙو گهمائڻ لڳي.

پيار پريا بول ۽ پيار جو ڇهاءُ پائي پنڪي گد گد ٿي سس جي پاکر ۾ سمائجي وئي. هن جي من ۾ پيار جو احساس ڇوليون مارڻ لڳو.

دلي ۾ سوٽڪيس هٿ ۾ کڻي ٻاهر نڪتي.

رتن لال وچ ۾ آفيس ۾ هليو ويو.

آشا اهو ڏسي، ڏٺو ته هن جي هٿ مان سوٽڪيس ڦري ڪمري ۾ رکي آئي. پيار سان چيائينس — "ڀاڀي! توهان هي ڇا ٿا ڪيو؟ توهان کي ائين نه ڪرڻ گهرجي. شاديءَ کان پوءِ ساهرو گهر ئي پنهنجو آهي. سس ماءُ جو روپ ۽ اڙاڻ پيڻ جو روپ آهن. عورت جي هڪ دفعي گهر کان ٻاهر پير رکڻ کان پوءِ وري اُنهيءَ چائنٽ تي نه چڙهي سگهندي."

ائين چئي ڀاڪر پائي ڀڳيءَ کي ڪمري ۾ وٺي وئي. چيائين — "مان ته ننڍي ٿي توهان کي ڀڄي اُپديش ڪيان. ڇمي ڇمي!" ۽ ڪلهي ڀاڄائيءَ کي ڪتڪتائي ڪري ٻارن وانگر کلائڻ لڳي. آشا هڪ گهر مان ٻه گهر ٽيهندا بچائي ورتا.

اتفاق سان انهيءَ ئي رات ڀڳيءَ کي اچي بخار ٿيو. رات جو وڌندو ويس ۽ هوءَ بخار ۾ ورقلڻ لڳي. رتن ڊاڪٽر کي وٺي آيو. ترت ڀڳيءَ جو علاج ڪرايو ويو. سڄي رات آشا ۽ رتن ويٺي ڀڳيءَ جي مٿي تي پٽيون رکيون، دوائون ڏنيون. رتن جي ماءُ ته نونهن جو هيءُ حال ڏسي پنهنجو دک ئي ڀلجي وئي.

ٽن ڏينهن کان پوءِ ڀڳيءَ کي هوش آيو. اڄ

ي، تون به لاپرواهي نه ڪج. وڌيڪ تون سمجهدار
ين.”

هيما ڄڻ عرش تان فرش تي ڪري. هن ته مٿو
ڻ ٿوري دير جي ڪمزوريءَ تي سمجهي پر هيءُ ته
سلو ئي اُبتو ٿي لڳو. ۽ پوءِ جڏهن هن ڪئي خبر
ي ته واسو گهڻي وقت کان بيمار آهي. ان ڪري ته
ي تو سگهي شادي ڪرڻ سان ٺيڪ ٿي وڃي، هن
ي شادي ڪرائي وئي آهي. هيما جي من ۾ ڪيئن
وال اڀري آيا ته ڇا واسوءَ جي بيماري، هن کان
ڪائي وئي آهي؟ ڇا هن سان دوکو ڪيو ويو آهي؟
ڪ بيمار جي سيوا لاءِ ته هيءُ سڀ نه ڪيو ويو
هي؟ اهي ڳالهيون سوچي هن جو مٿو ڦري چڪرائڻ
ڳو.

ويس تياڳي هن سادا ڪپڙا پاتا ۽ پتيءَ جي سيوا
جنبي وئي. هن جو وشواس هو ته هن جي پتيورتائيءَ
ن ئي واسو جلد ٺيڪ ٿي ويندو ۽ هن جا سپنا
ڪار ٿي ويندا. هوءَ بنا ڪنهن شڪوي شڪايت
ي مالڪ ميت ۾ واسوءَ جي تن، من، ڌن سان سيوا
ندي رهي.

پر 'مرض ويو وڌندو جيئن جيئن دوا ٿئي.' واري
لهه ڪارگر ٿي.

سپنا سچ ٿي ويا

هيما ڪنوار بڻجي جڏهن ڏينهن ساهري گهر آئي، هن جي من ۾ ڪيئي جذبا جاڳي اٿيا هئا. هن جيڪي ڪنواري سپنا ڏٺا هئا اهي سچ ٿي رهيا هئا. هوءَ به ڪنهن راجا جي راڻي بڻجي ڪنهن جي دل تي راڄ ڪندي. هن جو به هڪڙو ننڍڙو گهر هوندو، جنهن ۾ هن جو حڪم هلندو. رسڻ پرچائڻ جو سلسلو هلندو.

پر هيما جا سپنا ته چائنٺ اورانگهڻ وقت ئي چڪناچور ٿي ويا هئا. چائنٺ تي ئي واسوءَ کي چڪر اچي ويا هئا ۽ هن کي يار دوست هوا ڪرڻ لڳا ۽ سهارو ڏيئي پلنگ تي ليٽائي ڇڏيائون. هيما ته هن کي ٿڪاوٽ جو ڪارڻ سمجهي گهڻيرتا سان نه ورتو. سس کي پيري پئي جڏهن ڀاڪر ۾ ڀريائين ته سس آسيس ڪيس - ”سدا سهاڳڻ رهين.“ گڏ ئي ڪن ۾ چئي ڇڏيائينس، ”هيما، واسوءَ جي طبيعت ڪجهه ٺيڪ نه آهي، ڊاڪٽر هن کي آرام ڪرڻ جي هدايت ڪئي

جو ڏينهن پئي ڪندي هئي ۽ رات جو ٿڪجي پئجي
هندي هئي. پتا هن جو ڏک، سور ونڊڻ وارو هئو ئي
ڪير؟ ڪير ڪونه هو جيڪو همدردي يا پيار جا ٻه
ڪر ٻه هن سان ڳالهائي.

هيما اسڪول جي شڪشا پائي اڃان نڪتي مس
، مامي ماميءَ پنهنجي مٿي جو بوجو لاهڻ لاءِ هن
ي مريض واسوءَ سان پرڻائي ڇڏيو. هيما ڏهن سالن
، لي اناٿ ٿي وئي هئي. مامو مامي وٽي وس ۽
يئن ٽيئن پلجي هوءَ وڏي ٿي. اڇا هوندي به هوءَ
ڪاليج ۾ نه وڃي سگهي. نه ئي شاديءَ بابت هن ڪان
ڪا راءِ ئي گهري وئي. اڄ هوءَ پنهنجي پير تي
يهڻ لائق به نه هئي. بس گهر جي چار ديواري ۽ هن
ڇي سس اها ئي هن جي سيما هئي.

وقت گذرندو ويو. ماءُ به پت جو ڏک پلجڻ لاءِ
ستسنگ ۾ يا پاڙي ۾ ساهيڙين وٽ وڃي ڪجهه وقت
، يهي پنهنجي من جي ڳالهه ڪنهن سان اوري ايندي
هئي پر هيما ته اندر ئي اندر ۾ پئي ڳرندي هئي.

ٻه سال ائين ئي نڪري ويا. وقت گذرندي ڪهڙي
ي دير لڳي.

هڪ ڏينهن ڪال بيل وڄڻ تي جيئن ئي هن در
ولهيو ته هڪ اپٽوڊيٽ جينٽلمين، گورو چٽو، ناهو ڪن

پورا ٻه سال گذري ويا پر واسوءَ پلنگ نه ڇڏيو. مرض آهستي آهستي هن جي سرير کي لڪڙيءَ ۾ اُڏوهيءَ وانگر ويو خالي ڪندو ۽ آخر اهو به ڏينهن آيو جو واسو هيما کي هميشه لاءِ ڇڏي هليو ويو.

هيما جي مٿي تي جيڪو نالي ماتر سندور ۽ تلڪ هو سو به ڪسجي ويو. وڌاتا جي ليکه کي ڪير ٽاري سگهي. سڀني اهو چئي هن کان رخصت ورتي. پر هيما هئي جو ڦاٽل اکين سان بس آسمان ۾ ٽِڪ پئي نهاريندي هئي. هن جا سپنا جيڪي هن وري به واسوءَ لاءِ ئي سهيڙي رکيا هئا شيشي جي پيالي وانگر هڪ ئي ٺوڪر ۾ چور چور ٿي ويا هئا. ايترو ئي هجي ها ته به ٺيڪ هو. پر سماڄ ته هن کي سڀني جي سامهون پئي ذليل ڪندي هئي. چي - ”هن جا اهڙا پير پيا جو منهنجو پٽ کٽ تان اُٿي ڪونه اٿيو. ڏائڻ کائي وئي مڙس کي. اهڙي نڀاڳي نُنهن ملي مونکي.“

هن جي شيوائن ۽ تياڳ جي ساراهه ڪرڻ ته ٺهيو پر هر ڳالهه ۾ طعنا ڏئي هن جو جگر جلائي ڇڏيندي هئي.

هيما ايڪانت ۾ ويٺي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. هن جو ويس اڇو ٿي ويو. سڄي گهر جو ڪم

توهان ته اجايو ٿا هن تي ڏوهه هڻو، واسو ته سالن کان بيمار هو، توهان کي ته هن جي شادي ئي نه ڪرائڻ گهربي هئي. الٽو توهان هن بيقصور کي ٿا ڏوهه ڏيو. مان ته سوچي به نٿو سگهان ته هن شادي ڪرڻ سان هن کي ڪهڙو سک مليو؟ هن جا ته ٻئي جهان ويا."

هيما روئڻ ۾ سڀ ٻڌي رهي هئي. منوهر پهريون انسان هو جنهن هن جي دک کي محسوس ڪيو هو. اڄ تائين ڪنهن به هن کي ٻه اکر همدرديءَ جا ڪونه چيا هئا. هيما ساڙهيءَ جي پلوءَ سان ڳوڙها اگهڻ لڳي.

اهو ته قدرتي نيم آهي ته جڏهن ڪير دکي انسان سان همدردي ڏيکاريندو آهي ته ازخود من ڀرجي ايندو آهي. دک ڳوڙهن ذريعي ٻاهر نڪري ويندو آهي. هيما من ئي من ۾ منوهر کي ڌنيواد ڏيڻ لڳي.

روز منوهر ڏسندو هو ته هيما جي رهڻي ڪيڏي نه سادي آهي. سڄو ڏينهن ڍڳي وانگر پئي وهي ته به منهن ۾ زبان نڪو شڪوا نه شڪايت.

وقت تي ناشتو، روٽي، چانهه وغيره جو ڌيان هيما ئي رکندي هئي. مجال جو چوڪ ٿي وڃيس.

ڪپڙن ۾ هن جي سامهون بيٺو هو. ٻنهي جون نظرون چار ٿيون پر هيما ته هن کي سڃاڻندي به ڪونه هئي. پاسيري ٿي هن کي اندر اچڻ لاءِ جاءِ ڏنائين.

انهيءَ ئي هو هيما جي سس کي پيري پيو ته هيما جي سس هن کي ڀاڪر ۾ ڀري کڻي چنبڙايو. ٻئي واسوءَ جي ياد ڪري روئڻ لڳا. واسو ۽ منوهر ٻئي گڏ پڙهيا هئا پر پوءِ منوهر وظيفو ملڻ سبب امريڪا هليو ويو ۽ هاڻي انجنيئر ٿي هت آيو آهي جيئن ڪو ڪم چالو ڪري. منوهر واسوءَ جي سڳي چاچي جو پٽ آهي. جنهن وقت واسوءَ جو انتقال ٿيو ان وقت هو امريڪا ۾ هو. هن وقت سونهن انهيءَ ئي چاچيءَ وٽ هليو آيو هو.

هيما چانهه ناشتو کڻي آئي ته غور سان منوهر هيما جي منهن ڏانهن نهاريو. سس ڄاڻ ڪرائيندي چيو، "هيءَ اٿئي واسوءَ جي زال هيما."

ان تي منوهر چيو، "واهه چاچي توهان ته چنڊ جو ٽڪر ڳولهي اٿئي."

سس منهن تي گهنج آڻيندي چيو، "چنڊ ٿي ته ڇا؟ قسمت ۾ ته ڪارهن ئي لکيل اٿس. انهيءَ ئي منهنجي واسوءَ کي کائي وئي." ۽ پوءِ هوءَ روئڻ لڳي. هن کي چپ ڪرائيندي منوهر چيو، "چاچي،

چاچي – "تون تہ ولائت مان ڇا ٿي آيو آهين
ستڪ ٿي آيو آهين. سوامي جن تہ ڇڙون ٻڌو
ڪرين. شاسترن ۾ ودوائن کي من ۽ سرير کي وس
ڪرڻ جو ودان آهي."

منوهر – "تہ ڇڏيو ودوائن ۾ جان ڪونهي، اهي
بيجان آهن. چاچي اڄ جي زماني ۾ تہ ودوائون
ري شادي ڪري گهر سنسار وسائي ٿيون سگهن،
هڙا قانون بہ نڪتا آهن. ٻاهرين ملڪن ۾ تہ ودوائون
ٻئي ڏينهن شادي ڪري وٺنديون آهن پر بہ پنهنجي
ملڪ ۾ بہ هاڻي بمبئي جهڙي وڏن شهرن ۾ اها ڳالهہ
عام ٿي وئي آهي."

چاچي – "هل، هل وڏو آيو آهي مون سان بحث
ڪرڻ وارو. اسان جا ريتيون رواج ٻاهرين ملڪن جهڙا
نہ آهن. هتي ودوا کي وري شادي ڪرڻ جو حق نہ
آهي. تو جهڙا ولائتي بہ چار اچي ويا تہ هتان جون
ريتيون ئي بگڙي وينديون."

منوهر – "ڀلا ننڍي عمر ۾ ڪير ودوا ٿي وڃي تہ
انکي وري شادي ڪرڻ جو حق ڇو نہ آهي؟ هيءا
کي بہ پورو حق آهي تہ هوءَ وري شادي ڪري
پنهنجو گهر وسائي. جيڪو سک هوءَ هتي نہ وٺي سگهي
اهو اتي وٺي سگهي."

اڄ ڪپڙن مان تنگ ٿي هڪ ڏينهن هيما هلڪڙي نيري رنگ جي ساڙهي ڪڍي پاتي. ڏسندي ئي سڀڪس ته مٺو پڻ لڳي. ڏسڻ لڳس، ”هاء هن زماني ۾ وڏ وائن کي به فيشن لڳو آهي. ڪلهوڪي ستسنگ ۾ سوامي جن چون پيا ته وڏوا ۽ جوڙيءَ ٻنهي جو جيون مکڻ جي شيخ پچائڻ آهي. ٻنهي کي سنساري چمڪ کان ۽ ڳالهين کان پاسو ڪري من کي قابو ڪرڻ گهرجي ۽ هيءَ آهي جو اڄ رنگين ساڙهي پائي الائي ڪنهن کي ٿي ڏيکارڻ چاهي؟“

هيما ٻڌندي ئي ڪپڙا مٽڻ هلي وئي. منوهر اهو سڀ ناٽڪ ويٺي ڏٺو. هن کان سٺو نه ويو. چيائين، ”چاچي، توهان نه ڪوه جي ڏيڏر وانگر اڃان اُتي ئي پيا آهيو. ٽورو وڏي تلاءَ ۾ نڪري ڏسو ته اکيون کلنوَ. دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي، دنيا ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي؟ ڀلا توهان اهو ته ٻڌايو توهان جو سوامي گرهستي آهي يا سنياسي؟“

چاچي - ”هو ته گرهستي آهي.“

منوهر - ”پوءِ هو گرهستي ڇو آهي؟ ٻين کي اُپديش ٿو ڏئي من کي وس ڪرڻ جا. اُپديش ڏيڻ سولا آهن چاچي، اُنهن تي عمل ڪرڻ تمام ڏکيو آهي.“

ايڪانت ۾ هيما منوهر کي چيو، "مون سان شادي
ڪرڻ لاءِ تيار ٿــي ڪير ايندو؟ مان صرف مئٽرڪ
پاس آهيان. تو هان اجايو بحث ڪري ڇو تــا پنهنجو
وقت خراب ڪيو؟"

منوهر چيو - "مان تنهنجي لاءِ نوڪرو ڳولهيندس.
پهرين تون ٻڌاءِ ته تون به شادي ڪرڻ لاءِ تيـــار آهين
يا نه؟"

هيما شرمائجي وئي. هن جي ڳلن تي لالي ڇانئجي
وئي. هن نظرون هيٺ ڪري ڪنڌ 'ها' ۾ لوڏيو.

ٻئي ڏينهن هيما جي سس جي ڀيڻ بمبئيءَ مان
اچي لٿي. هن کي به هيما کي ڏسي ترس اچي ويو.
چي، "ڀيڻ نينهن ته چندرمکي آهي. وڌاتا به ڪيئن نه
غلطي تو ڪري."

منوهر چيو - "مان چاچيءَ کي چوان ٿو تـه هيما
جي شاديءَ لاءِ مان ٿو نوڪرو ڳولهيان ۽ چاچي مڃي
نٿي."

هيما جي سس چيو - "ڀيڻ هن نوڪر کي سمجهاءِ
اسان کي سماج ۾ ڪنڌ ڪڍڻ لائق به رهڻ ڏيندو الائي
نه؟ ڀلا هن جي وڃڻ کان پــوءِ منهنجو سهارو ڪير
ٿيندو."

منوهر چيو - "ان جو مطلب تـه تو هان پنهنجي

چاچي - ”اڙي! پر مان تــي ڇوان ڪندو ڪير وڌوا سان شادي؟ ڇا ڪنواريون هڻ ئــي مري ويون آهن؟“

منوهر هيما جو پاسو کڻندي چيو، ”اڄ گهڻائي نوجوان وڌوائن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ڇڱو ڀلا اهو ته ٻڌايو ته توهان جي مرڻ کان پوءِ هوءَ ڪنهنجي سهاري جيئندي؟ ڪير هن جي سنڀال ڪندو. ناريءَ جي رکشا ڪرڻ لاءِ پرش ئي هڪ سهارو آهي. پوءِ هو ڀاءُ هجي يا پيءُ، چاچو هجي يا مامو. پر سڄي عمر هو به ڪنهن کي نه رکندا. هڪ پتي ئي آهي جيڪو عمر ڀر پتنيءَ کي سهارو ٿو ڏئي.“

هيما جي سس منوهر سان نه پڄي سگهي ته ڀڻ ڀڻ ڪندي، هٿ ڇنڊيندي ستسنگ ۾ هلي وئي.

ستسنگ ۾ به هن جو من ڀلا ڪيئن ٿي لڳو؟

پٺيان هيما ۽ منوهر اڪيلا ايڪانت ۾ هڪ ٻئي ڏانهن پريم نگاهن سان ڏسڻ لڳا. منوهر محسوس ڪيو ته هيما نه صرف ٻاهران ئي ايڏي سندر نه آهي جيتري تن من سان به پوتر آهي. انهن ڳالهين هيڪارين منوهر جو من موهي ورتو هو. ڪاڌو به هوءَ اهڙو سوادي ناهيندي هئي جو ڪائڻ وارو پيو آڱريون چٽي. سوادي ڪاڌو مرد جي وڏي ڪمزوري ٿيندي آهي.

منوهر سچ ٿو چوي. ٻنهي ۾ ته وڏوائون عام جام شادي ٿيون ڪن، گهر وسائي سکي به ٿيون آهن. اهو سچ آهي ته تنهنجي مرڻ کان پوءِ هيءَ ڪيڏانهن ويندي؟"

هاڻي هيما جي سس ٻڍهي پاسي جي مار کان ماٺ ٿي وئي. منوهر ولائت مان نئون ويچار کڻي آيو هو. ٿڪل آواز ۾ چيائين - "پر به ڪير تيار ٿيندو هن سان شادي ڪرڻ لاءِ؟"

منوهر - "مان، مان تيار ٿيندس شادي ڪرڻ لاءِ. جيڪر مونکي هيما جهڙي جيون ساٿي ملي وڃي ته مان ڌنيه ٿي وڃان. ولائت جي رنگين ڇوڪرين کان ته ڀڳوان بچائي."

هيما جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هن کي ڪنن تي وشواس نه پيو اچي ته منوهر جهڙو اپٽوڊيٽ ڇوڪرو هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

هيما جي سس هيما کي سڏ ڪري پڇڻ لڳي، "هيما، منوهر ته توکي پسند ڪيو آهي، توکي به منوهر پسند آهي يا نه؟"

هيما نظرون جهڪائي ويهي رهي.

سسڻس هيما جو هٿ منوهر جي هٿ ۾ ڏيندي چيو، "سچ آهي، وڏا جو کهڙو ڏوهه جو هوءَ سچي

سوارٿ لاءِ نوڪرياڻيءَ جا ڪم وٺڻ لاءِ هيما کي وهاري ويٺا آهيو. سماج آهي ڇا؟ توهان ۽ مان، اسان جهڙا انسان. ضرورت وقت سماج ڪهڙي ٿو ڪنهن جي مدد ڪري؟ ڇا هو بکئي کي کارائي ٿو؟ روئندڙ جا ڳوڙها اگهي ٿو؟ غريب کي ڌن ڏئي ٿو؟ جڏهن سماج اسان لاءِ ڪجهه ڪري ئي ڪونه ٿو ته ان کان ڊڄي ڇو هلجي؟"

چاچي - "وڏن جون ريتيون رسمون جيڪي ٺهيل آهن انهن کي ٽوڙڻ منهنجي وس ۾ نه آهي."

منوهر چيو - "هي ريتيون رسمون هاڻي بابا آدم جي زماني جون ڳالهيون ٿي ويون آهن. سماج پنهنجي سوارٿ لاءِ ئي رسمون ٺاهيون آهن. توهان جي مرڻ کان پوءِ جڏهن هيما کي ڪمائڻ کائڻ جو ڪو وسيلو نه رهندو ته هن کي پئي ڪاٺو پوندو. ان وقت ڏسون ٿا ڪهڙو سماج توهان کي خيرات ڏئي؟ ان وقت سماج جا ٺيڪيدار ئي هن جي جواني خريد ڪرڻ ۽ پرشٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا ان وقت ڪيڏانهن وينديون هنن جون ريتيون رسمون ۽ هنن جو سماج؟"

چاچيءَ جي ڀيڻ جيڪا بمبئيءَ مان آئي هئي، اهي ڳالهيون ٻڌي بگڙجي وئي. چيائين، "ڀيڻ،

ھمر مرڻ واري جي نالي تي ويٺي ڳوڙها ڳاري.
جڏهن ڪ مڙد ٻي چار شاديون ڪري ٿو سگهي. وڌوا
کي ٻه جيئڻ جو حق آهي. سٺو ٿيو منوهر منهنجون
اکيون کولي ڇڏيون. هاڻي مان هيما کي نونهن نه ڏيئي
ڪري پرڻائيندس. جيڪو دکه هن کي مون پيا وڌاتا
ڏنو آهي اُن لاءِ مان هيما کان معافي ٿي گهران."

لائين ڇئي هن هيما کي پريم کان پاڪر ۾ ڀري
ورتو. اڄ هيما وري دلهن جي پوشاڪ ۾ سجيل ويٺي
آهي پر اڳوڪي ۽ پهرينڪي سجاوٽ ۾ وڏو فرق هو.
اڳوڪي رات هن لاءِ آندي هئي هڪ روشن رات ۽
رات آندو هو پيغام هڪ نئين صبوح جو. جنهن ۾
هن جا سپنا سچ ٿي ويا هئا.



ڪملا ٻناڻي

تعارف

ڪملا ٻناڻيءَ جي ڪهاڻين جو نئون گلدستو نئين زندگي اسان جي هٿن ۾ آهي.

پڻ ڪملا جي وشين ۾ نواڻ آهي. هن هلندڙ ماحول کي ٻالڪن جي سامهون پيش ڪري ٻالڪن ۾ حقيقي ساماجڪ برائين جو پرداڦاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. گڏوگڏ ناري جاڳرتيءَ لاءِ هر ڪهاڻي ناريءَ جي اتياچار جي خلاف آواز اٿاري رهي آهي.

مونکي اميد آهي ته ليکڪا اڳتي هلي هن کان به وڌيڪ بهترين ۽ سماج جي سجاڳيءَ لاءِ لکي سنڌي ساهتيه جو شان وڌائيندي.

ڪملا جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ آڪاشواڻي جئپور تان پرسارت ٿينديون رهنديون آهن، راجستان سنڌي اڪادميءَ جي رهاڻ ۾ ۽ وقت به وقت سنڌي محفلن ۾ پڻ آڪاڻيون لکي پنهنجي لياقت ظاهر ڪئي آهي. مان هن جي ساهت ڏانهن چاهه ۽ محنت لاءِ کيس داد ٿو ڏيان. هڪ سٺي گرهڻيءَ سان گڏوگڏ سڦل اڌياپڪا جو پارٽ نڀائيندي رهي آهي. پيڻ ڪملا جي هن ڏس ۾ هيءَ نئون مجموعو آهي. مان شڀ ڪامنائن سان گڏ سندس روشن آئيندهه ۽ سڦل ليکڪا جي ڪامنا ٿو ڪريان.

ٽي.سي. ڀڳت ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج (رٽائرڊ)، جئپور